# اسان جو عشق اڻپورو

(شاعري)



سعيد ميمڻ

SANGAT LIBRARY AND TRANSACT
SLATE
EDUCATION

# اسان جو عشق اڻپورو

(شاعري)

'سليٽ' اشاعتي شعبو
دانشگاهِ منصوريہ آشرم
تنڊو قيصر 2010ع

"سليٽ" دانشگاھِ منصوريہ آشرم جي اشاعتي سلسلي جو ڪتاب۔ 9

(ڪتاب جا حق۔واسطا شاعر وٽ هٿيڪا)


| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | اسان جو عشق اڻپورو |
| موضوع | : | شاعري |
| شاعر | : | سعيد ميمڻ |
| ڇاپو پهريون | : | فيبروري 2010ع |
| ٽائيٽل ڊزائين | : | محمد علي ٽالپور |
| لي آئوٽ | : | مور ساگر |
| ڪمپوزنگ | : | منظور احمد جوٽيجو زيب جوٽيجو<br>الرزاق ڪمپيوٽر ڪمپوزرس حيدرچوڪ حيدرآباد.03332634650 |
| پيسٽنگ | : | سهيل سلام پٽو |
| ڇپائيندڙ | : | "سليٽ" اشاعتي شعبو دانش گاھِ منصوريہ آشرم،<br>ٽنڊو قيصر. |
| ڇپيندڙ | : | الرزاق پرنٽنگ ايجنسي حيدرآباد 03332696934 |
| قيمت | : | 150 روپيا |
| پاران | | ايم ايڇ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو. |


"سليٽ" ڪتاب نمبر- 9


ASAAn JO ISHQUE ANPOORO by: Saeed Memon
Published by: Aasi Zamini, (SLATE, Danish Gah-e-Mansooria
Aashram Tando Qaiser Sindh.
Edition First: February, 2010.



Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ارپنا

ملڪ جي نالي واري مصور
**محمّد علي ٽالپر**
جي نالي،
جنهن جا مون مٿان وڏا احسان آهن
۽
منهنجي دوست
**مختيار جاگيراڻيءَ**
جي نالي
زندگيءَ جي ڏکين مرحلن ۾
جنهن جي ساٿ مونکي سدائين
سنڀالي ورتو آهي.

تو به تقصیر خود افتادی آزین دَر محروم
آز که می نالی و فریاد چرا مِی داری؟
(حافظ)

ترجمو: تون تہ پنهنجي قصور جي ڪري (محبوب جي) دَرَ کان محروم آهين، پوءِ ڪنهن جي ظلم جون دانهون پيو ڪرين. ۽ ڇا لاءِ ٿو روئين؟

# فهرست


❖ We Can trace the GOD, but never a MAN! (اداري پاران) آسي زميني 7

❖ سعيد جي شاعريءَ جا نوان رُخ (مهاڳ) منير چانڊيو 9

❖ اڻ پوريون ڳالهيون (پنهنجي پاران) سعيد ميمڻ 20

❖ سنڌ جو مصوّر شاعر ـ سعيد ميمڻ نادر جمالي 24

❖ اورڻ عجيبن جو (دوستن جا رايا) 26

[تاج جويو، تاج بلوچ، اياز گل، ادل سومرو، وسيم سومرو، مصطفيٰ ارباب، ايوب کوسو، سعيد سومرو، حبيب ساجد، بادل، امر اقبال، بخشل باغي، فراق هاليپوٽو، مختيار جاگيراڻي، ساحد سنڌي، رياض ميراڻي]

## اسان جو عشق اُٽپورو


| | | |
|---|---|---|
| سُر سانورو جوڳي | (بيت) | 33 |
| سُر ڪاپائتي | (بيت) | 40 |
| مڪليءَ! تنهنجي ماٺ | (بيت) | 47 |
| ڪڪرن جا ٽُڪرا | (بيت) | 48 |
| ڪٽو ڪٽو | (شعر) | 50 |
| مڙئي آهن مورتيون | (هائڪا) | 51 |
| خواب پوکيا هئا | (غزل) | 54 |
| چُلهه جي چوڏاري | (وايون) | 57 |
| زندگيءَ ڏي... | (ترائيل) | 62 |
| سڏڙا | (غزل) | 65 |
| صدا جو دروازو | (چؤسٽا) | 69 |
| خاموش ڪنارو | (پنجڪڙا) | 71 |
| سانوري جوڳيءَ جو خواب | (پنجڪڙو نظم) | 75 |
| اسان جو دين عشق آ | (غزل) | 76 |
| اهو ڳوٺ ڪٿي آهي | (نثري نظم) | 79 |
| دوست لاءِ | (نظم) | 82 |
| پيار آ بادل جيئن | (گيت) | 84 |
| زندگي رنگين آ | (وايون) | 92 |
| ڪينجهر ڪپ تي | (نظم) | 102 |
| جڪڙيل ذهنوا | (ترائيل) | 104 |
| پتڪندڙ آرزو | (غزل) | 108 |

# We Can trace the GOD, but never a MAN!

(اسان الله کي ڄاڻي سگهون ٿا، پر ماڻهوءَ کي نه!)

مٿين حقيقت، منهنجي زندگيءَ جي مڙني مشاهدن ۽ تجربن جي حاصلات آهي. خالق کان وڌ تخليق پيچيده ٿئي ٿي. مثلاً الله جو صفاتي نالو "الباطن" آهي، ته "الظاهر" به آهي؛ تنهن ڪري ان کي ته ڄاڻي سگهجي ٿو پر سندس تخليق (آدم)، پيچيدگين پري اها ڪاڪ محل آهي، جنهن تائين سُرت وند ۽ مُومل جي مجازي مامن کان آگاهه ڪو "راڻو" ئي رسي سگهي ٿو باقي ٻيا ڪيئي "خان" ان کوج ۾ ڪپيو ويڃن!

تخليق جي راز کي ڄاڻڻ جي لاحاصل جُستجوءَ ۾ ڳولائو خود ان راهه ۾ رُليو وڃي! ان جو چٽو مثال "شاعر" ۽ "شاعري" آهي. شاعر ته پنهنجي شاعريءَ جي جوهر ۽ روح کان خوب واقف هوندو آهي، پر پڙهندڙ محض پنهنجي "پهچ" سارو ئي سندس ڪن پاسن تائين رسائي حاصل ڪري سگهي ٿو. سو به هر ڪو پنهنجي طور! ان جي پيٺ ۾ شاعر کي شخصي طور، هر هڪ دُور رس نگاهه پل ۾ پرکيو وٺي، پوءِ پل ته اهو سندس ڏٺل نه به هجي!

هڪ ماڻهو هو، مير جان محمد ٽالپر عرف بلبل بيقرار! عرف پنهنجي تعارف سان سدائين شامل رکندو هو ۽ اهو عرف هاڻ سوچيان ٿو ته سئو سيڪڙو سچ هو. کيس ڪڏهن به قرار نه آيو ۽ هڪ ڏينهن ڪنهن بلبل جانِ "ڦُر" ڪري الاءِ ڪهڙي ڏيهه اُڏامي ويو! فونو گرام جي پراڻن رڪارڊن کي هٿ ڪرڻ جي جنون ۾ سموري سنڌ جهاڳيائين ۽ آخر ۾ اهو اڻ مُلهه سنڌي موسيقيءَ جو اثاثو في سَبيلِ الله سنڌالاجيءَ حوالي ڪري، پاڻ سيني کي حيران ڪري هليو ويو (محمد قاسم ماڪا، پنهنجي شروعاتي "ڊبل اي" ڪمپني پاران آندل انهن رڪارڊن تي مشتمل ڪن

آڊيو ڪيسٽس ڳوَر تي سنڌس ٿورا مڃيا)۔ ڪيس فطري طور اهڙي بي قراري مليل هئي، جهڙي ڪنهن تخليقڪار وٽ هوندي آهي. افسوس! هو جسماني طور اڄ اسان ۾ ناهي پر سنڌس سِڪون لاهيندڙ نوجوان پٽ محمد علي ٽالپر کي ڏٺي تعاليٰ وڏي ڄمار ڏي، جيڪو لاهور ڪاليج آف فائين آرٽس جو فارغ التحصيل هجڻ سان گڏ، اُتي ئي پنهنجي فن ۽ ڪردار ذريعي پنهنجي پيءُ جي نالي سان گڏ سنڌ جو نانءُ روشن ڪري رهيو آهي. هو هڪ تخليقڪار آهي، تنهن ڪري حساس هجڻ سبب امير مينائيءَ جي هن شعر جو زنده مثال لڳندو آهي:

خنجر چلے کسی پہ، تڑپتے ہیں ہم 'امیرؔ'!
سارے جہاں کا درد ہمارے جگر میں ہے۔

مٿيون ذڪر ان شخص جي انسان دوستي ۽ ادب دوستيءَ جي سلسلي ۾ تمام ٿورو آهي. سنڌ جي نئين ٽهيءَ جي سر موڙ شاعر سعيد ميمڻ جي هن پنجين شعري مجموعي "اسان جو عشق اٽپورو" کي "سليٽ" دانش گاهه منصوريه آشرم، سنڌس هر طرح جي ڪيل سهڪار سواءِ هرگز نه آڻي سگهي ها۔ ساڳيا قرب پياري دوست بادل جا، جنهن جي همت افزائيءَ جو پڻ ان ڏس ۾ اهم ڪردار رهيو آهي.

"سليٽ" هڪ نج علمي، ادبي ۽ سماجي فلاحي ادارو آهي، جنهن تي پنهنجي ڳوٺ جي صاحبِ حيثيت ڏرين کان وڌ، هيستائين ٻاهر جي صاحبِ ذوق و نظر حضرات جي ڪرم نوازي رهي آهي؛ ۽ هي چند سٽون انهن جي وڙن جي وزن کان نهايت گهٽ وزن لهن.

پنهنجي پياري دوست ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ڀڳتي شاعر، سعيد ميمڻ ۽ سنڌسَ زيرِ نظر شعري مجموعي تي ڄاڻي ٻُجهي لکڻ کان پاسو ڪيو ويو آهي؛ ان ڪري جو سنڌ ۽ سنڌين لاءِ نه سعيد ڪنهن تعارف جو محتاج آهي ۽ نه ئي وري سنڌس شاعري!

14 فيبروري 2010ع

— آسي زميني
"سليٽ" دانش گاهه
منصوريه آشرم
ٽنڊو قيصر

# سعيد جي شاعريءَ جا نوان رُخ...

ادب ۽ شاعريءَ جون دنيا ۾ ڪيترين ئي اڻ ڳڻين وصفون، معنائون ۽ تشريحون بيان ڪيون ويون آهن. اڄ جي هن Commercialization واري دؤر ۾ ادب ۽ شاعريءَ جو دائرو ايترو تہ وسيع ۽ گهڻ طرفو بڻايو ويو آهي، جو اخبار ۾ لکيل ڪنهن صابڻ يا ٻي ڪنهن شيءِ جي ڇپيل اشتهار کي بہ ادب جي دائري ۾ آندو ويو آهي. اهڙيءَ ريت ٽيليويزن تي مختلف Products ڪپائڻ لاءِ قافيہ ۽ رديف ملائي جيڪو اشتهار ٺاهي، هلايو وڃي ٿو، ان کي بہ شاعريءَ جي دائري ۾ آندو وڃي ٿو. يونيورسٽين جي ادب جي شعبن ۾ بہ هر لکيل هڪ ٻن سٽن کي بہ ادب جي هڪ نموني طور بيان ڪيو وڃي ٿو. معنيٰ "عيسو پُٽ موسي جو موسو پُٽ خميسي جو" وارو لکيل مواد بہ ادب (Literature) آهي; ۽ "تنهنجي عشق ۾ منهنجو مٿو اُگهاڙو" بہ شاعريءَ جي ذمري ۾ اچي وڃي ٿو جنهن کان ادب ۽ ٻوليءَ جو ڪوبہ سڄاڻ استاد ۽ ڄاڻو انڪار نہ ٿو ڪري سگهي; پر اعليٰ ۽ باڪمال شاعريءَ جي تورتڪ جا ماپا ڪجھ ٻيا آهن. ڪنهن پڙهيل ڳڙهيل، خوشحال، آسودي، آزاد، پُرامن، سماجي انصاف ۽ صنفي برابريءَ واري ۽ جمهوري سماج جي اعليٰ ادب جون پنهنجون گهرجون ۽ ماپا آهن; تہ ڪنهن غلام، پسمانده، پيڙيل، ڦُريل ۽ لُٽيل، محڪوم، مظلوم ۽ قبيلائي ۽ جاگيرداراڻي سماج وٽ اعليٰ ۽ باڪمال ادب ۽ شاعريءَ جون پنهنجون الڳ گهُرجون ۽ ماپا آهن. اڄ مغرب ۾ هيري پوٽر جهڙي ڪتاب ۽ ٻين جنن ڀوتن جي ڪتابن جون لکين ڪاپيون ڇپجن ۽ وڪامن ٿيون، جڏهن تہ يورپ جي اونداهين دؤر ۾ جڏهن مصوري، شاعري، ادب ۽ آرٽ تي بندش هئي، تڏهن ليونارڊو ڊاونچيءَ جي مونا ليزا کي شاهڪار جي حيثيت هئي ۽ آهي. پيٽريات جي

رومانوي شاعريءَ کي شاهڪار جي حيثيت ملي، مارٽن لوٿر ڪنگ جي بائيبل واري ترجمي کي اڄ بہ جرمنيءَ ۾ هڪ شاهڪار جي حيثيت حاصل آهي. ان دؤر ۾ اهڙن شاهپارن ان دؤر جي اسٽيٽسڪو کي ٽوڙي، يورپ ۾ نئين سجاڳيءَ جا بنياد وڌا. روس ۾ پورهيت انقلاب کان اڳ ميڪسم گورڪيءَ جي "ماءُ" ۾ دوستو وسڪيءَ جي ناول "ذلتوں کے مارے لوگ"، پاويل لو ڪينتسڪي جي ناول "پہاڑوں کی بیٹی"، بورس پوليواءِ جي ناول "اور چراغ جلتا رہا" ۾ ڪيترن ئي ٻين ڪتابن کي اعليٰ ادب جي نادر نمونن طور ڄاتو ۾ سڃاتو وڃي ٿو. چين جي هاري انقلاب کان اڳ، ڪامريڊ مائوزي تنگ جي "قومي انقلابي جدوجهد ۾ ادب ۽ فن جي اهميت" کي چيني ادب ۾ شاهڪار جي حيثيت حاصل آهي. اهڙيءَ طرح شاعرن جي سرتاج لطيف سائينءَ جڏهن سنڌ ۾ فارسيءَ کي عام ٿيندي ڏٺو هو تہ چيو هئائين:

جــي فارسِــي سِــکيو، گولــو تــوءِ غُــلامُ؛
جــو ٻَــڌو ٻــن ڳــالهئين، سَــو ڪــنءُ چــائي ڄــامُ؛
اُجــو تـــان آب گھـــري، ٻکيـــو تـــان طعـــامُ؛
ايءُ عـــامَنِ سَـندو عـــامُ، خاصـنِ منجهـان نـہ ٿيـو.

اهڙيءَ طرح لطيف جڏهن ٿر ويو هو ۽ اُتان جون حالتون ڏٺيون هئائين؛ جتي ٻک، بدحالي ۽ ڏڪار هو تہ چيو هئائين:

ســـارنگ ســـارَ لهـــيج، اﷲ لَـــڳِ اُڃـــين جـــي؛
پـــاٽي پـــوڄ پَـــٽن ۾، ارزان ان ڪـــريج؛
وَطَـــنُ وَســـائيج، تـــہ ســـنگھارِ سُـــک ٿئـــي.

رڳو لطيف سائينءَ وٽان ئي تمام گهڻا مثال پيش ڪري سگهجن ٿا. پنهنجي قومي ۽ معاشي حوالي سان اهي اعليٰ شاعريءَ جا بي مثال نمونا آهن. اسان جو سنڌ وطن جيئن سُورن ۾ اڄ آهي، اڳ ايئن ڪڏهن نہ هو. اڄ اسان جي وڏن ۽ اهم تاريخي ۽ ڪاروباري شهرن تي ڌارين ۽ دهشتگردن جو قبضو آهي. اسان جو وطن هر طرح غلام ۽ محڪوم بڻايو ويو آهي. هن صورتحال ۾ اعليٰ ۽ باڪمال شاعريءَ جو پيمانو اهو آهي تہ اها شاعري پنهنجي ان قسم

جي صورتحال ۾ پنهنجي وطن جي عوام جي سُورن ۽ سختين واري دؤر ۾، پنهنجي مظلوم ۽ محڪوم عوام جو پرجهلو ٿي بيهي؛ ۽ پنهنجي عوام کي پنهنجي وطن جي دفاع لاءِ اتساهي ۽ هر محاذ تي سندرو ٻڌي ساڻن گڏ بيهي. ان قسم جي اعليٰ شاعريءَ جا ڪيترائي مثال، اسان کي سنڌ جي منفرد ۽ يگاني تخليقڪار سعيد ميمڻ جي شاعريءَ ۾ ملن ٿا، جنهن لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي منفرد ۽ اعليٰ شاعر، شاهه لطيف جي وڏي پارکو ۽ شاعريءَ جي باڪمال نقاد، تنوير عباسيءَ هڪ غير معمولي راءِ رقم ڪئي هئي ته "سعيد ميمڻ جي شاعري پڙهي، سنڌي شاعريءَ جي روشن مستقبل ۾ ايمان پختو ٿي ويو اٿم." اها راءِ تنوير صاحب جهڙي عالم ايئن ئي رقم نه ڪئي هئي؛ پر ان جي پٺيان سعيد ميمڻ جي شاعريءَ جو منفرد ۽ نرالو اسلوب، شاهڪار تخليقي حُسن ۽ لازوال فڪري گهرائيءَ جهڙا عنصر هئا. هو موجوده دؤر جو هڪ ڳوڙهو سماجي ۽ قومي شعور رکندڙ شاعر آهي. سندس شاعري، سنڌي قوم جي سخت ترين آزمائش واري دؤر ۾ سنڌي ادب ۽ قوم لاءِ هڪ قيمتي سرمايو آهي؛ جنهن جو مثال هيٺيان بند آهن- هو چئي ٿو:

ڪندي آ قوم جا پنهنجي وطن جي رکوالي،
ڪسي نه سگهندو آ دشمن ڪو پاءُ مٽيءَ جو.

شهيد تنهنجي جسم جو هي خون شاهد آ،
ڏئي تون جان ڪري وئين دفاع مٽيءَ جو.

سنڌ جي موجوده دؤر ۾ جڏهن اسان کان اسان جي ڌرتيءَ، اسان جا شهر، اسان جا معدني وسيلا، اسان جا ادارا ۽ اسان جي گذر سفر جا سڀ ذريعا ڦُريا ويا هجن؛ اُن دؤر ۾ هن قسم جي شاعري اسان کي پنهنجو ڪردار نڀائڻ لاءِ زور ڀريندي چئي ٿي، ته جيڪڏهن اوهان کي اوهان جي ڌرتيءَ جا وسيلا گهرجن، پنهنجن شهرن جي مالڪي گهرجي، پنهنجي گذر سفر جا ذريعا گهرجن ته پوءِ پنهنجي وطن جي رکواليءَ ڪرڻ لاءِ اڳيان اچو ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جو دفاع ڪندي جيڪڏهن توهان شهيد به ٿي ويا، ته ان جهڙو اعليٰ مرتبو ٻيو نه آهي.

اسان جي سنڌي سماج ۾ هڪ ٻيو رَويو تمام گهڻو ڏٺو ويو آهي، اهو هيءُ

تہ "اسان هيترن سالن کان هيءَ آسمان ڪيرائي وڏو هوءَ ڏرتي ڏوڏي وڏي ٿيو ڪجهہ بہ ڪونہ ان ڪري ڪجهہ نہ ٿيندو." ڪوبہ اميد پسند شخص جيڪڏهن ڪا اميد جي چٽنگ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندو تہ چوندا: "ڪجهہ نہ ٿيندو!" ڪو ماڻهو سنڌ جي آجپي جي ڳالهہ ڪندو غلاميءَ مانَ ڇوٽڪاري جي ڳالهہ ڪندو برابريءَ جي ڳالهہ ڪندو اتي وري بہ ساڳي ڳالهہ ٿيندي: "ڪجهہ نہ ٿيندو اسان ۾ اسان جو وطن جيئن غلام آهيون، تيئن ئي رهنداسين پر ڪجهہ نہ ٿيندو." ان صورتحال ۾ ان جمود کي ٽوڙيندي، ان رَويي جي نفي ڪندي ۽ وڏي اميد پيدا ڪندي هو چئي ٿو:

ڏنو سـيـن نـہ آزاد پنهنجـو وطـن،
سـگهن شـل اسـان جـا بـي پچـڙا ڏسـي.

سندس خيال آهي، تہ ٺيڪ آهي، پلي اسان جي حياتيءَ ۾ ڪٽي ڪجهہ نہ ٿئي، پلي پاڻ پنهنجو وطن آزاد نہ ڏسي سگهون، پر اسان کي تہ وري بہ پنهنجي وطن جي آزاديءَ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي، اسان نہ صحيح، شل اسان جو اولاد ئي پنهنجي وطن کي آزاد ڏسي سگهي.

ماڻهو پنهنجي مقصد جي حاصلات لاءِ محنتون ۽ جفاڪشيون ڪن ٿا، پنڌ ۽ مسلسل پنڌ ڪن ٿا، هو ٿڪجي پرا ٿين ٿا، جڏهن قدم ٿڪجي بيهڻ تي آهن، تڏهن سعيد اتي اتساهہ، جوش ۽ ولولو پيدا ڪندي چئي ٿو، تہ هاڻي پاڻ اچي پنهجي منزل تي پهتا آهيون، مون کي هوا مان ماڳ جي خوشبوءِ اچي رهي آهي، تنهن ڪري متان دل هاري ويهندا آهيو! اڳتي وڌندا هلو، وڌندا هلو!

آ پنـڌ ٿـورو هـاڻي ٿڪـل قـدم نـہ بيهـو،
اچـي رهـي آ هـوا مـان، هـا! مـاڳ جـي خوشـبوءِ!

ان ڪانسواءِ هو هڪ ڳُوڙهو معاشيَ شعور رکندڙ شاعر بہ آهي. هن جي، سنڌ جي معاشي ۽ سماجي مسئلن ڏانهن گهري نظر آهي. ڪيس چڱيءَ ريت خبر آهي تہ سنڌ هڪ زرعي ديس آهي. سنڌ جي معيشت جو گهڻي ڀاڱي دارومدار هتان جي زراعت تي آهي. سنڌ جي زراعت سبب ئي هتان جو عوام خوشحال رهيو آهي. سنڌ جي زراعت کي ڪو ڇيهو رسندو تہ اهو سنڌ جي

سچي عوام جي معاشي ۽ سماجي حالت کي چيهو رسائيندو. سنڌ جي زراعت جو سڄو دارومدار سنڌو درياهه ۽ ان جي پاڻيءَ تي آهي. سنڌو درياهه سان سنڌي ماڻهن جي اٿاهه دلي ۽ جذباتي نسبت آهي. اهو ئي سبب آهي جو سنڌو درياهه، اسان جي تاريخ ۾ هڪ اهم حيثيت رکي ٿو. ۽ ان کي اسان جي افسانوي ادب ۽ شاعريءَ ۾ به تمام گهڻو بيان ڪيو ۽ ساراهيو ويو آهي. سعيد جهڙو سڄاڻ ۽ حساس شاعر سنڌوءَ جي موجوده حالت ڏسي ٿو جنهن ۾ اڄ واري پئي اُڏامي! ڪوٽڙيءَ کان هيٺ سڄو درياهه سُڪي پٽپانگ ٿي ويو آهي. ڪالهه جنهن درياهه جي موجن جا منظر اسان، اسان جي ادب ۽ شاعريءَ جو وڏو ۽ قيمتي سرمايو هئا، اڄ اتي پيننگ ۽ سُڄ لڳي پئي آهي؛ اهو لقاءُ جڏهن سعيد ڏسي ٿو تڏهن پنهنجن جذبن جو اظهار هيئن ڪري ٿو:

وهــن ٿيــون ڪــري نــار منهنجــون اکيــون،
سُــــڪل ســـنڌ اڄ تنهنجـــو دريـــا ڏســـي.

سنڌ جو سُڪل درياهه ڏسي سندس اکيون نار ڪري ان سبب وهن ٿيون، جو هو ڄاڻي ٿو ته سنڌ جي هن درياهه سُڪڻ سان ٺٽي ۽ بدين جي آبادگارن ۽ هارين جي پنجويهه لک ايڪڙ زمين سمنڊ ڳڙڪائي ويو آهي؛ لکين خوشحال مهاڻا دربدر ٿي ويا آهن. آهستي آهستي سڄيءَ سنڌ جون زمينون غيرآباد ۽ بنجر بڻجي رهيون آهن. اڄ سنڌ جا فصل تباهه آهن، انهن جو اهو اڳ وارو رنگ نه رهيو آهي:

پاڻي آٽيو سنڌ ۾،
پنهنجن فصلن جو،
رنگ نه آسا ڳيو رهيو!

هو ڄاڻي ٿو ته پاڻيءَ جي هٽرادو کوٽ سبب سنڌ جي فصلن جو اهو معيار نه رهيو آهي. پاڻيءَ جي کوٽ جي ڪري هڪ ته فصل گهٽ ٿين ٿا ۽ ٻيو غير معياري ٿين ٿا. جنهن جو مثال 2008ع جي سارين جو فصل آهي؛ جنهن کي 600 روپيا مڻ بجاءِ 150 روپيا مڻ ۾ به نه ورتو ويو ۽ هارين ۽ ننڍن آبادگارن جي چيلهه ڀڄي پئي. سندن گذريل سالن جا قرض چڙهيل ئي رهيا، هو ان لائق به نه رهيا جو پنهنجن ٻارن کي نوان ويس وڳا وٺي ڏين. هو

زندگيءَ جي رازن کي کوليندا هئا
۽ رمزون سُلجهائيندا هئا
تان جو باک ڦُٽڻ لڳندي هئي

جتي ڳوٺ جي ڳلين ۾
ٻارڙا لڪ لڪوٽي راند ڪيڏندي
جوانيءَ جي حدن ڏانهن
وڌندا ويندا هئا

اُتي اڄ مونکي
چوڌاري ٺڪاوَن جا آواز
بارود جي بُوءِ
۽ گهٽين ۾ گولين جا کوکا نظر اچن ٿا
۽ دلين ۾
نفرت جي باهه

او امان!
اهو ڳوٺ ڪٿي آهي؟
جتي مون کي تو جنم ڏنو هو!

اڄ سنڌ جي فطرت جي حَسين منظرن ۽ محبت جي ساکي ڳوٺن جي حالت، ڪنهن المناڪ حادثي کان گهٽ نہ آهي. ٻهرين ڳوٺن جو ٻالو ڪٽڻ سان سرسبز کيتن ۽ ڇهچ ساون وڻن، هر پاسي ساوڪ، پکين، تلائن، ساڳ، پلي، ٻيرن، انبن، زيتونن ۽ کجين وغيره جو تصور ايندو هو، هاڻي تہ واقعي قبيلائي جهيڙن جي بارود جي بوءِ، ڪارو ڪاري، ڌاڙيلن ۽ رهزنن جا تصور اچيو وڃن. اها اهڙي منفي ۽ انسان دشمن تبديلي، سعيد جهڙي باضمير ۽ انسان دوست شاعر کان ڪيئن ٿي برداشت ٿي سگهي!؟ جنهن ۾ روز ڪيئي ڪونڌر ڪُسجي رهيا آهن، مائرن جون جهوليون خالي ٿين ٿيون، ونين جا ور کائن جدا ڪري گولين جو کاڄ بڻايا وڃن ٿا. ڪيترا ٻار يتيم

تين ٿا، هر اک آلي هجي ٿي- هو لکي ٿو:

ڪنهين جي نگاهن ۾ ڳوڙها ڏسي،
اسان جون به پلڪون پُسي ٿيون پون.
اکين منجهه ڪڪريون پون ٿيون وسي،
ڪنهين جي نگاهن ۾ ڳوڙها ڏسي.

ٿئي ٿي ڪنهين سان به ناجائزي،
اسان جون مُٺيون بند ٿي ٿيون وڃن.
ڪنهين جي نگاهن ۾ ڳوڙها ڏسي،
اسان جون به پلڪون پُسي ٿيون وڃن.

ڪنهن به ماڻهوءَ جي اکين ۾ هن ڪان ڳوڙها ڏٺا نه ٿا ٿين، هو ڪنهن کي به روئندو نه ٿو ڏسڻ چاهي، هو چاهي ٿو ته پورو عالمِ انسان خوش هجي، جيڪڏهن ڪنهن سان ڪا ناجائزي ٿي ٿئي، ته هو ”منهنجو ڇا وڃي“ چئي خاموش نه ٿو ٿي وڃي؛ پر ان جي خلاف مزاحمت ڪندي ان ناجائزيءَ جي خلاف وڙهه ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو. اها هڪ ڏاڍي مثبت ۽ تعميري سوچ آهي. ان قسم جي تعميري ۽ مثبت روين جي اسان جي سماج کي ڏاڍي ضرورت آهي. ڪوبه سماج خراب ڪان خراب تر ان ڪري ٿئي ٿي ويندو آهي، جو ان ۾ نه ته ڪو خراب عمل جي خلاف مزاحمت ڪندو آهي ۽ نه ئي وري زباني طور ئي، ان غلط عمل کي غلط چوندو آهي. اڄ هر پاسي ظلم ۽ ناجائزيءَ جو راڪاس ان ڪري آزاد ٿيو ڦرندو ٿو وتي، جو اسان ان خلاف ٿيڻ جي زحمت نه ڪئي آهي. سعيد جو اهو ترائيل پنهنجي فڪر ۽ مقصد جي حوالي کان هڪ بهترين ترائيل آهي؛ جنهن ۾ ظلم ۽ ناجائزيءَ جي خلاف مزاحمت ۽ انساني ڀائپيءَ جهڙا عظيم آدرش سمايل آهن.

يوناني فلسفي ۽ شاعريءَ کان وٺندي، مشرق جي ويدانتي، صوفي ۽ ترقي پسند شاعريءَ تائين ۾، سچ جي سربلنديءَ جو بيان ڪيو ويو. سچ جي سربلنديءَ لاءِ سُقراط زهر جو جام پيئڻ قبوليو. منصور سوريءَ چڙهيو ۽ ٻين عظيم انسانن، انسان سوز عقبوتون سَٺيون؛ پر سچ کي پُٺي نه ڏنائون. سچ، انساني سماج جو هڪ انتهائي اعليٰ قدر آهي. سچ کانسواءِ انساني سماج

جي اڏاوت ڪنهن نہ ڪم جي ۽ منفي هوندي آهي. سچ جي لاءِ اياز صاحب لکيو آهي:

ذات وڏي شيءِ ناهي،
پر سچ وڏي شيءِ آهي.

جڏهن ماڻهو سچ کي چڙي پنتي پڇن ٿا، تہ سعيد سان ڪهڙي حالت ٿئي ٿي؟ سا بيان ڪندي چئي ٿو:

ڏک دل ۾ ذهن تي زبرا لڳا،
مان سموري زندگي لُڇندو رهيس؛
سچ کان ماڻهو جڏهن پُنتي پڳا،
ڏک دل ۾ ذهن تي زبرا لڳا.

هڪ سماج آهي، جنهن ۾ بک هجي، بدحالي هجي، بيماريون هجن، مايوسيون ۽ بيوسيون هجن؛ ماڻهو زندگيءَ کان نااُميد ٿي پنهنجي زندگيءَ جا ڏيئا پاڻ اُجهائيندا هجن؛ ان سماج جي هر باشعور سجاڻ ۽ انسان دوست تخليقڪار ۽ شاعر لاءِ اهو ضروري ٿي پوندو آهي، تہ اهي پنهنجي سماج ۾ اُميد، حوصلو ۽ اتساهہ پيدا ڪن؛ عوام کي نئين جوت ڏين، ڪين زندگيءَ ڏانهن موٽ ڏين؛ اهڙو ئي عظيم پيغام ڏيندي سعيد چئي ٿو:

زندگي آ سفر اُجالن جو،
لمحي لمحي ۾ روشني آهي.
هي ستارا جو همسفر آهن،
سعيد رستي ۾ روشني آهي.

هو موجوده دؤر ۾ جديد سنڌي وائيءَ جي اهم ۽ وڏن شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. سندس وايون بہ پنهنجي تخليقي سونهن ۽ خيال جي گهرائيءَ ۾ وڏيون حُسناڪ آهن، جن ۾ اعليٰ انسان دوست آدرشي مقصديت سمايل آهي. سعيد چئي ٿو:

ڪو ڏسڻ وارو هجي،
زندگي رنگين آ!

اُپَ جي نيراڻ ۾،
ٿو آچو ٻادل گهمي-
زندگي رنگين آ!

گل جا ڳاڙها ڳِتا،
ٿو ڦِڪو پوپٽ چُمي-
زندگي رنگين آ!

سائي تارِيءَ نم جي،
ڪانءُ ٿو جنهن تي لنوي-
زندگي رنگين آ!

”سعيد“ ڏِسُ ڪولي اکيون،
هر نظارو ٿو ڏسي-
زندگي رنگين آ!
زندگي رنگين آ!

چون ٿا تہ هڪ شخص پنهنجي زندگيءَ مان نااُميد ٿي، خودڪشي ڪرڻ پئي ويو. ڪيس رستي ۾ وليم ورڊس ورٿ جي شاعريءَ جو هڪ ڪتاب هٿ اچي ويو. هو اهو ڪتاب پڙهندو اڳتي ويو جڏهن هو ان جڳهہ تي پهتو جتي هن کي خودڪشي ڪرڻي هئي، اتي هن هڪ پيرو سوچيو تہ فطرت، سماج ۽ زندگيءَ ۾ تہ هيترو سارو حُسن ۽ مزو آهي، پوءِ مان خودڪشي ڇو ڪريان؟ وليم ورڊس ورٿ جي شاعريءَ زندگيءَ مان نا اُميد ٿيل هڪ شخص جي اندر سندس زندگيءَ ڏانهن رومانويت ۽ اتساهہ پيدا ڪيو. اهڙيءَ ريت سعيد جي هيءَ وائي ڪنهن بہ اُداس ۽ مايوس ماڻهوءَ کي زندگيءَ ڏانهن موٽائي فطرت ۽ سماج سان تعلق ڳنڍڻ لاءِ اتساهي ٿي. اُها شاعري، جنهن ۾ پنهنجي وطن جي حفاظت جو بہ درس هجي، جنهن ۾ پنهنجي سماج جي ڀلي لاءِ جدوجهد ۽ مسلسل جدوجهد ڪرڻ ۾ ويساهہ

هجي، جنهن ۾ پنهنجي وطن جي آزاديءَ جا خواب هجن، جنهن ۾ انساني ياڻپي هجي، جنهن ۾ اتساهه ۽ زندگيءَ سان پيار هجي ۽ جنهن ۾ پنهنجي سماج جي بنيادي مسئلن جو ڏاڍي اثرائتي نموني ۾ اظهار ڪيل هجي، اها ان سماج جي اعليٰ ۽ باڪمال شاعري آهي.

ڪنهن به سچي ۽ تخليقي شاعر جي دنيا، واقعي ڏاڍي عجيب ۽ نرالي ٿيندي آهي، اها تڏهن پڪ ٿيم، جڏهن سنڌ جي هن سُريلي، منفرد ۽ يگاني تخليقڪار سعيد ميمڻ، پنهنجي هن پنجين شعري مجموعي "اسان جو عشق اڻ پورو" جو مهاڳ لکڻ لاءِ، مون جهڙي هڪ نئين ليکڪ جي چونڊ ڪئي، جڏهن ته اها منهنجي فني ۽ علمي لياقت کان وڏي ذميواري هئي. مان ان پيار ۽ محبتا لاءِ سندس بيحد ٿورائتو آهيان، نه ته سعيد جهڙي سگهاري، اعليٰ ۽ باڪمال شاعر تي ڪهڙو نقاد ۽ شاعر نه لکي ها!؟

**منير چانڊيو**
ڊي-46، فيز II،
قاسم آباد، حيدرآباد، سنڌ
6 ڊسمبر 2009ع
muneer_us2003@yahoo.com

# اڻپوريون ڳالهيون

نهايت سرسبز زمين ۾ ڪي بيڪار ٽڪرا نظر ايندا آهن.

- جان ڊيوي

هر قوم جي سموري شاعري تسلسل جي ڪڙين سان جُڙيل هوندي آهي. هر شاعر پنهنجي ڪلچر، لوڪ ادب، لوڪ ڏاهپ ۽ ڪلاسيڪل شاعرن مان گهڻو ڪجهه پرائيندو آهي: ۽ هن جي بقا ئي ان ۾ آهي ته شاعر جا پير پنهنجي ڌرتيءَ تي ڪتل هجن، ۽ پاڻ کي ٻين تخليقڪارن واري تسلسل جي ڪڙين کان علحده ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪري.

مونکي ڏاڍو افسوس ٿيندو آهي ته جڏهن شيخ اياز چيو هو ته "اڄ جا نوجوان شاعر منهنجي ٿاريءَ مان ڦتندڙ گل آهن"، تڏهن ان خوبصورت تشبيهه ڏي منهنجو ڌيان ئي نه ويو هو- ۽ اهو نه سمجهي سگهيو هوس ته اياز انهن خوبصورت گلن جهڙن شاعرن کي ڪيترو نه پنهنجي قريب محسوس ڪري ٿو! پر مون اهو چيو هو ته "اسين اياز جا گل ناهيون!" اها هڪ نوجوان شاعر جي خودي ۽ تخليقڪار جي انا هئي- جنهن جو اهو مطلب هو ته منهنجو اسلوب، ڊڪشن ۽ تخليقي سجاڳپ پنهنجي آهي، آءُ اياز جو پاڇو ناهيان: پر بعد ۾ مونکي پنهنجا لفظ جذباتي نوجوان جا اڀرائيءَ وچان چيل لفظ لڳا. هو جيڪا پنهنجي ڳالهه چوڻ چاهي پيو اُها ٻي انداز ۾ ڪري سگهيو پئي، ته هر شاعر کي پنهنجي رنگ ۽ طريقي سان لکڻ گهرجي. باقي لطيف کان پوءِ ته اياز ئي آهي، جنهن سنڌي شاعريءَ کي آسمان جي بلندين تائين پهچايو آهي: ان جي حيثيت کان ڪو به انڪار نه ڪري سگهندو.

سعيد ميمڻ ته لطيف سائينءَ کان شيخ اياز تائين- اياز گل، وسيم کان ويندي بخشل باغي ۽ فراق هاليپوٽي تائين، سيني سان دل جي گهري رشتي ۾ جڙيل آهي.

هڪڙو پڇتاءُ، جنهنجو بار سدائين من ۾ محسوس ڪندو هوس، اوهان سان شيئر ڪرڻ کان پوءِ، اڄان ٿو پنهنجي شاعريءَ متعلق اوهان سان به چار ڳالهيون ڪرڻ.

شاعري لکڻ جي معاملي ۾ مان ڏاڍو بي ترتيب رهيو آهيان. ڪڏهن به ڪنهن هڪ صنف تي لاڳيتو طبع آزمائي نه ڪئي اٿم. ڪڏهن ڪا صنف ته ڪڏهن ڪا صنف- ۽ هي مجموعو به ان ئي صورت ۾ اوهان جي آڏو آهي.

شاعري لِکڻ جا شروعاتي ڏهاڙا هيا. شاعري سٽون اکرن ۾ لکي اخبارن ۽ رسالن ڏانهن اماڻيندو هوس ۽ ياد ٿو اچي ته، ڪيئن نه پهرِيُن تاريخن تي رڪشو بُڪ اسٽالن جي سامهون بيهاري، جن رسالن ۾ منهنجي شاعري ڇپيل هوندي هئي، اهي خريد ڪندو هوس، ۽ پوءِ ڏاڍي فخر ۽ مزي سان اهي پنهنجن دوستن کي ڏيکاريندو هوس. ائين شاعريءَ ۾ شهرت حاصل ڪرڻ جو شوق هو تڏهن اهو ڪِٿي ڄاتو هوم ته شاعري منهنجي روح جو روڳ بڻجي ويندي، ۽ منهنجي زندگيءَ کي ان جي ڳري قيمت ادا ڪرڻي پوندي!

مون پنهنجي وس آهر زندگيءَ کي ويجهڙائيءَ ۽ گهرائيءَ سان ڏٺو آهي. شهري ماحول توڙي ٻهراڙيءَ جي زندگيءَ منهنجي اڳيان رهيون آهن. پرمان اهو نه ٿو چئي سگهان ته مون جو ڪجهه لکيو آهي ان ۾ گهرو فڪر، تخيل جون رعنائيون ۽ ٻوليءَ جو ميناڄ آهي به الائي نه؟ باقي مونکي اها ڳالهه معلوم آهي ته ڪي اميجز (عڪس) هر شاعر وٽ اهڙا به نظر ايندا آهن، جن کي سندس شاعريءَ ۾ بار بار ڏسي سگهبو آهي. اهي اهڙين چاٻين وانگر هوندا آهن، جن وسيلي اسان معنيٰ جا بند دروازا کولي، شاعر جي لاشعور تائين رسائي حاصل ڪري سگهون ٿا، ۽ سندس علامتن کي سمجهي سگهون ٿا. اهڙن عڪسن جو اظهار ان ڳالهه جي عڪاسي ڪندو آهي ته انهن سان شاعر جي گهري جذباتي وابستگي رهي آهي، ۽ سندن مقصد ظاهري صورت کان علاوه ٻيو به ٿي سگهي ٿو.

منهنجي خيال ۾ شاعريءَ ۾ صرف شاعر جو تخيل ئي پنهنجو ڪمال ناهي ڏيکاريندو پر ان شاعراڻي تخيل ۾ پڙهندڙ جو تخيل به پنهنجا رنگ پريندو آهي، اهو ئي سبب آهي جو هر شعر سيني پڙهندڙن تي مختلف نموني جو اثر ڇڏيندو آهي. پڙهندڙ جو ذهن، شعر کي نيون معنائون ڏيندو آهي. جيڪڏهن ماٺهو پاڻ شاعري نٿو ڪري سگهي ته، ان جو مطلب اهو ناهي ته ان وٽ نازڪ احساس، ڪومل جذبات، نفاست ۽ نزاڪت به من ۾ موجود ناهي، ائين ناهي، پڙهندڙ / ٻڌندڙ ۽ شاعر پاڻ ۾ لطيف رشتي ذريعي واڳيل آهن، تخليقڪار کي ڪڏهن به انهن جي حيثيت کي گهٽ نه سمجهڻ گهرجي.

تخليقڪار کي پنهنجي تخليق ۾ شعوري طور ابهام پيدا ڪري،

نارسائي تہ پنائيءَ جي بہ پاڳ ۾ آئي پر هوا هو چوندي:

نڪو سَنڌو سُورَ جو نہ ڪو سَنڌو سِڪ،

عدد ناهِ عشق، پُڄاڻي پاڻ لَهي!

اڳتي هلندو رهيو. منهنجو هيءُ مجموعو"اسان جو عشق اڻپورو" ڪن ڳالهين ۾ يقيناً "اڻپورو" هوندو. ان ۾ ڪافي ڪمزوريون ۽ ڪچايون هونديون، جن جو مونکي احساس آهي:

ڪشاده ذهن درگذر ڪري وڃيا،

ائين اسان جون خاميون ڍڪيون رُهيون.

مان ٿورائتو آهيان پنهنجي مصور دوست محمّد علي ٽالپر جو، جنهن جي مسيحائي هٿ، منهنجي زندگيءَ جي وڏن مونجهارن کي دور ڪري ڇڏيو آهي. هن ڪتاب جي ٽائيٽل ٺاهڻ ۽ ڀرپور سهڪار لاءِ مان سندس ٿورائتو آهيان. هن جي تعاون کان سواءِ شايد هيءُ ڪتاب مارڪيٽ ۾ نہ اچي سگهي ها.

ٿورا پياري آسي زمينيءَ جا، جنهن پنهنجي اداري "سليٽ" جي اشاعتي شعبي پاران منهنجو هيءُ ڪتاب ڏاڍي چاهہ سان ڇپايو آهي، ۽ پروف ريڊنگ کان وٺي، ڪتاب جي مڪمل ٽيڪ ٽائين، سمورو ڪم پنهنجي سِر ڏاڍي خلوص ۽ پيار سان تڪميل تائين رسايو آهي.

سنڌ جي خوبصورت شاعر بادل جو بہ آءٌ ٿورائتو آهيان، جنهن ڪتاب جي ڇپائيءَ جي سلسلي ۾ اسان جي ڀرپور مدد ڪئي آهي.

منڙي دوست منير چانڊئي جا لک ٿورا، جنهن بيحد مصروف زندگيءَ مان ڪجهہ وقت ڪڍي ڪتاب جو مهاڳ لکيو آهي.

آءٌ نئيپڻ جي سنگتي قاسم ڪيهر جو ٿورائتو آهيان، جنهن بيڪ ٽائيٽل لاءِ سِٽون لکيون آهن.

آءٌ انهن سڀني همعصر ليکڪ دوستن جو ٿورائتو آهيان، جن منهنجي شاعريءَ متعلق پنهنجا تاثرات ۽ رايا ڏنا آهن، جيڪي مون لاءِ وڏو سرمايو آهن.

آءٌ اوهان جو وڌيڪ وقت نہ وٺندس، بس ڪتاب اوهان جي حوالي ڪريان ٿو، ان اميد سان تہ منهنجي من جو پورهيو ساب ويندو.

**سعيد ميمڻ**

عاقل

جنوري 2010ع

# سنڌ جو مصوّر شاعر_سعيد ميمڻ

اسان جو ڀڳوان ڪرشن جهڙو سانورو سعيد_ڏاڍي سڀاجهي سڀاءَ وارو، ماڻهو آهي. مون هن سان ڪافي عرصو گڏ گذاريو آهي. سعيد هڪ بهترين دوست آهي. سندس ڳوٺ عاقل ۾ زيتونن جي باغن، ساين ٻنين ۾ ۽ سنڌوءَ ڪناري هن سان منهنجون ڊگهيون ڪچهريون ٿيل آهن. مان جڏهن لاهور N.C.A ۾ پڙهندو هوس ۽ ڇٽين ۾ ايندو هوس، تڏهن سعيد ڏي ويندو هوس. فطرت جي نظارن جو سير ڪندي اسين آرٽ جي موضوع تي پنهنجا منصوبا جوڙيندا هئاسين. مان تہ مصور آهيان ئي، پر هو بہ مونکي پاڻ جيان مصور ئي لڳندو آهي. سندس سموري شاعري منظرن سان ڀرپور آهي. اسان جا ارادا هئا، آرٽ ۾ نواڻ آڻڻ، پنهنجو جدا گانہ اسلوب قائم ڪرڻ ۽ نوان ٽرينڊس متعارف ڪرائڻ.

اوهان کي سعيد جي شاعري پڙهندي اهي ڳالهيون نظر اينديون. سندس مجموعو" ڪاري بر ۾ چنڊ" ۽ "جيون چاهي ۽ فن چاهي" وارو طويل نظم ان جو مثال آهي. ان ۾ سعيد مختلف صنفن جي ڪمال جي Composition ڪئي آهي. پنجڪڙي کي بہ سعيد ئي نئين سر جياريو ۽ اڄ نوجوانن جي پسنديده صنف آهي.

مون کي ياد ٿو پوي تہ اُن دؤر ۾ سعيد جڏهن مونکي پنهنجي مصورانہ شاعري پڙهي ٻڌائيندو هو تہ ڄڻ مون تي سحر طاري ڪري ڇڏيندو هو. آءٌ گهر وڃي سعيد جي شعرن تي سوچيندي، انهن مان انسپائريشن وٺندي، انهن کي تصويرن جو روپ ڏيندو هوس.

سعيد جا عينڪ جا شيشا مون ڪڏهن ڌنڌلا، تہ ڪڏهن شفاف ڏٺا آهن. ۽ هو رڪشا هلائيندي، لاڙڪاڻي جا اُهي تہ نقش چٽيندو رهيو جن ۾ هن، سنڌ جي هر شهر جا عڪس ڏيکاريا آهن.

هلندي آءُ ڏسان پيو سائيڊ شيشي مان؛
رڪشا جي پويان، سڀ ڪجهه رهندو ٿو وڃي.

هي رڱو منظر آهي يا زندگيءَ جي فلاسافي... هڪ ناپائداريءَ جو احساس آهي- وقت جو تيزيءَ سان گذرڻ جو الميو-موت ڏانهن وڌڻ جو خوف! مطلب ته هن جي شاعريءَ تي غور ڪبو ته اسان کي اُن ۾ ڏاڍي Depth نظر ايندي.

سعيد کي "مصور شاعر" سڏڻ ۾ ڪو وڏاءُ ناهي. سعيد سان گهاريل ڏينهن کي ساريندي، مونکي حيرت ٿي ٿئي ته، هن پنهنجي مقصد ۽ عشق کي اڄ به نه ڇڏيو آهي. اڄ جڏهن هو دماغ جي تڪليف، شگر ۽ دل جي تڪليف ۾ گذاري ٿو، پوءِ به هو لکندو رهي ٿو. ۽ "اسان جو عشق اٿپورو" جهڙا پيارا ڪتاب ڏيندو رهي ٿو.

هي مانيٺي طبيعت وارو، گوشه نشين رهندڙ شاعر، واقعي مونکي خدا جي جوڙيل مجسمي جهڙو لڳندو آهي. سچ ته مان هڪ خوف ۾ وڪوڙجي ويندو آهيان، جڏهن سعيد جو هيءُ شعر ياد پوندو آهي:

مان خدا جو مجسمو آهيان،
سانڍ مونکي، متان ڀُري نه پوان!

- نادر جمالي

انسٽيٽيوٽ آف آرٽ اينڊ ڊزائن
يونيورسٽي آف سنڌ
ڄامشورو.

# اورڻ عجيبن جو

[دوستن جا رايا]

- سعيد ميمڻ هن دؤر جو اهم شاعر آهي. هن سنڌي غزل ۾ بيت کي نئين زبان ڏني آهي. پنهنجي ٿهيءَ جو هيءُ پختو شاعر، ڪيترين نين تشبيهن ۽ استعارن جو خالق آهي. هيءُ پنهنجي دؤر جي مسئلن ۽ احساسن کي انوکي آهنگ ۽ انداز ۾ پيش ڪرڻ جو ڍنگ رکي ٿو.

  - تاج جويو

- ايليٽ جي نقطئہ نظر جو عملي مثال مونکي سعيد جي شاعريءَ ۾ نظر اچي ٿو. هن پنهنجي تجربي کي درد جي لهر جيان ڪميونيڪيٽ ڪيو آهي، ۽ شاعريءَ لاءِ خالي پيل جاءِ کي پريو آهي، جنهن شاعريءَ ۾ درد جو ڪٿارسس آهي. مونکي سعيد جي شاعريءَ ۾ ڪِيٽس جو درد، شيلي جي شوخي ۽ نرودا واري همّت بہ نظر اچي ٿي. هن جو نرالو ۽ شاعراڻو تجربو قاريءَ کي پنهنجو تجربو محسوس ٿئي ٿو. نوجوانن جي بيڪران هجوم ۾ سعيد ميمڻ جو آواز نئون، تازو ۽ اتساهيندڙ آهي. فرانز ڪافڪا چيو هو "سٺو ادب پارو Ice_axe آهي، جيڪو روح ۾ ڄمي ويل سٽن سمونڊن کي ٽوڙي ۽ پگهرائي سگهي ٿو. ۽ اهڙو ڪردار سعيد ۽ بين کي ادا ڪرڻو آهي ۽ سعيد گهڻي ڀاڱي پنهنجي فن ۾ اهڙو ڪردار ادا بہ ڪيو آهي.

  خوش آئند ڳالهہ آهي جو سعيد جي آرٽ ۾ گهرو ثقافتي رنگ بہ موجود آهي.

  -تاج بلوچ

  ("سوجهرو" مان ورتل سٽون)

- سعيد ميمڻ انهن شاعرن مان آهي جيڪي، دل سان لکندا آهن ۽ دل وارن لاءِ لکندا آهن. سعيد جا خيال اوريجنل، آڪاش جيان وسيع ۽ سمنڊ جيان گهرا آهن؛ ۽ پڙهندڙ سان هڪ پختو ناتو قائم ڪري وٺندا آهن. سندس فن ۽ فڪر ٻئي ساراهہ لائق آهن.

ـ اياز گل، سکر

- سعيد ميمڻ جي شاعريءَ ۾ ، خيالن جي نواڻ سان گڏ آرٽ جون گهرجون بہ موجود آهن؛ هو تخليقي ۽ جينيئس پوئٽ آهي.

ـ ادل سومرو، سکر

- جي توهان سعيد ميمڻ جي شاعري پڙهي، ٻي انت ستارن ۾ بہ چنڊ اڪيلو ۽ ماڻهن جي ميڙ ۾ بہ پاڻ کي تنها محسوس ڪرڻ شروع ڪيو آهي، تہ پوءِ پڪ سمجهو-ها! توهان سعيد جا سُٺا پڙهندڙ ٿي نہ، پر سندس شاعريءَ جا ڪردار بہ بڻجي ويا آهيو. سعيد ميمڻ پنهنجي چشمي جي پويان، اکين ۾ نہ رڳو مستقبل جا رنگ رتا خواب پوکيا آهن، پر پنهنجي دل ۾ سجائي، مخالفن لاءِ هڪ قبر بہ کوٽي ڇڏي آهي. شاعر نظارا ڳوليندا آهن پر، سعيد اهو شاعر آهي، نظارا جنهن کي ڳوليندا آهن!

ـ وسيم سومرو، نوابشاهہ

- سنڌ ۾ مقدار جي حوالي سان تمام گهڻي شاعري ٿي رهي آهي، پر معيار جي حساب سان افسوسناڪ صورتحال آهي. نقاد مصلحتن جي سمنڊ ۾ غوطا کائي رهيا آهن. انهيءَ پس منظر ۾ سعيد ميمڻ اهو شاعر آهي، جيڪو ذهنن ۾ رهجي ويجي ٿو، جنهن جي شاعري "زندگي گذارڻ" جي اذيت کي گهٽ ڪري ٿي ڇڏي.

ـ مصطفيٰ ارباب

- سعيد ميمڻ، جديد سنڌي شاعريءَ جو اهو سر موڙ شاعر آهي، جنهن جي منفرد ڊڪشن شاعريءَ کي نئون موڙ ڏنو آهي. هن جي شاعري حيرت

# اسان جو عشق اڻپورو

اسان جو عشق اڌورو
رهيو تڪميل ڳوليندو.
وَرق هِنَ دل جا کوليندو
مُنجهي پيو آهه ويسورو،
آسان جو عشق اڌورو!

❊

سڀ ستارا ڏسن، ٿا آڳر ۾:
چنڊ آ، رات! ڪنهن جي پاڳُرَ ۾؟

❊

آ پنڌ ٿورڙو هاڻي تڪل قَدَم نہ بيهو!
اَچي رهي آ هَوا مان، ها! ماڳ جي خوشبوءِ.

# بيت

## سُر سانورو جوڳي

ڪجين واري شهر ۾، ملياسين توسان؛
منهنجو مَنُ ڪسي وئي، "رَتيءَ جي رهاڻ"؛
تڏهن ڪان توڪاڻ، سَتون ڪائي ساهہ تو.

▣

تنهنجي هيءَ تصوير آ، سدائين سامهون؛
يتائيءَ جي پَر ۾ بيٺي آهين تون؛
اکين ۾ آ مون، پنهيءَ ڪي - سانڍي رَکيو.

▣

مونن مٿان منهن رکي، ڏٺا ماڳ حَسينَ؛
اکيون جيئن- ڪلي وَڻون، پاتيسون بس ڪِينَ؛
ساڳي هئي زَمينَ، ساڳيا پنهنجا پنڌ ها.

▣

مونن مٿان منهن رکي، ڪيسين واجهايون؟
سعيد وچن ٿا قافلا، پاڻ بہ اُٿ ڪاهيون!
ساندهہ وينا ـ هِيُون، هُن لئہ چو هِيئَن واٽ ۾؟

▣

ڏاڍو ڏٺائين، رستو هڪڙي شخص جو،
آخر آڌيءَ رات جو هينئڙو هاريائين؛
اکيون پُوريائين، مونن مٿان منهن رَکي.

تو لاءِ وقت — سمونڊ ۾ لڙهندا آياسين؛
ڪين ڪناري تي ملئين، نيڻ رُلاياسين؛
آيا ها تفريح لءِ، تن سان ويٺاسين؛
ڳاڙهو سج ٻُڏي ويو آخر اُٿياسين؛
ڪٺي موٽياسين، ساڳيا اوسيئڙا اسين!

جوڳي ڪالهه سمونڊ تي، مليو هو مونکي؛
پنهنجو مُنهن ويٺو هيو رکيو مونن تي؛
ويندڙ چولين کي، ساندهه ڏسندو پئي رهيو!

جوڳي ڪالهه سمونڊ تي، ڏٺم اڪيلو،
پيرَ اگهاڙا ريت تي، سانجهيءَ جو ويلو،
هڪڙو بتيلو جوڳيءَ ڏانهن اچي پيو!

سامهون آهي رات جو اونداهو رستو،
وڃي تو هلندو جوڳي سورج-ديس ڏي!

ڪُنن ماں آيو هُيس، ڪشتي اُڪاري؛
روئي پيُسَ مان پرين! چوڏس نهاري؛
ڪي پَلَ ڪناري، مون لئه ترسئين ڪين ڪي!

مون لئه ترسئين ڪين ڪي، روز نـه ايندو هان؛
آءُ ڪناري تي ٻيو اڪيلو ٻيٺڪان؛
سوچيان ٿو مونکي پرين، ڳوليندين ڪاٿان؟
موتي لهرن سان، ويندس آءُ سمونڊ ۾.

سمنڊ ڪناري تي اچي، ڪين ملي ويئي؛
هائو ٻُلِي ويئي، منهنجي ديد سراب تي!

ڪڏهن ٻاهر پنڌَ ۾، ڪڏهن اندر ۾؛
ساندهه سفر ۾ سيلاني منهنجو هِينئُون!

جيڪي ڏٺائون، سپنا پنهنجي پارَ جا؛
لهرن ساڻ لُڙهي وَيون، تن جون ساپياڻون؛
ڏسان ٿو آئون، ريتيءَ تي رُوئن پيا!

مونن مٿان منهن رکي، ڏسي ٿو. هن ويرَ:
واريءَ تي ناهن رهيا، هاٿي تن جا پير:
هُو جي صبح سوير، ڪاهي وِيا ها قافلو!

آهي اونداهي، ڪونهي ڪوئي سوجهرو:
ويٺو . آهيان وات ۾ ، چوڌس تنهائي:
هئي جا تنهنجيءَ ير ۾ ، منهنجي ”سُهائي“؛
بابا ڀٽائي! مونکي سا ٻه ڇڏي وَئي!

جوڳيءَ چيو شاهہ کي: ”دل ۾ آهن ڏاگ:
پرِيَن پنهنجو ڪين ڪيو، ٿان مان ويراڳ؟“
سيّد کيس وراڻيو: ”ورندا تنهنجا ڀاڳ!
پيرو پَڄُ مَ ڪاپڙي، لاهي ويهہ مَ لاڳَ!
تان مون هينئڙو ماڳ، جان تون جوڳي جوءِ ۾.“

من کو چين ملي وڃي، پڙهيم ڀٽائيءَ کي:
جهورياٸين جيءَ کي، سِٿَ سُٽايَئين سُورَ جي!

جُهڳيءَ ۾ ڪنهن لاءِ پٽي، جاڳيو جوڳيئڙو؟
هنْ کي ننڊ وٺي وئي، ڪندي اوسيئڙو!
جاري ۾ ڏيئڙو ٻرندي نيٺ وِسي وَيو!!

پائي پِيڙا پُورَ جُهرندا وتن جيءَ ۾؛
جوڳي پنهنجا سُور ڪنهن سان سَلَنِ ڪين ڪي.

جوڳي هنڙي ويهه! ڪاڏي تو ڪاهين ڀيو؟
آندر ۾ ڪَرِ ”تَڪِيو“، ڇو تو ڏورين ڏيهه؟
ڪونهي ڪاٿي ڇيهُه، منزل آتَه مَنّ ۾!

جوڳي! تنهنجي جيءَ ۾ ڳَتي آهي ڳُل؛
جهاتي پائج جيءَ ۾ آهين پاڻ آمل؛
رستن منجهه نَه رُل، پرين پَسِج پاڻ ۾!

هت ٿانئيڪو ٿِج، سنڌوءَ ڪَپَ تي شامَ جو؛
مٿيءَ هاڻا پير هي، پاڻيءَ ۾ ٻوڙج!
ڏسِ لهرن ۾ سِج، جِهرمِر جِهرمِر روشني!

سنڌوءَ ڪپ تي شامَ جو آيون ڪي سارُون؛
ڏُنڌليُون ڏنڌليون ٿي وَيون، نِوڙيل نهارُون؛
لُڙڪن جون لاڙون، ڳلن تي ڳڙنديون رَهيون!

سنڌوءَ ڪپ تي شام جو سامهون ڳرِ نهارَ!
ڪيڏي سهڻي ٿي لڳي، ڪشتين جي قطارَ!
ڪشتين پرسان ٻارَ پاڻيءَ ۾ ٽُڙڳن پيا!

⧈

سنڌوءَ ڪپ تي شام جو سامهون ڪر نهار!
سيڪجهه لُڙهندو ٿو وڃي، ڪير ٽِڪي ٿو يار؟
پرين، پَلَ ۾ پيار ڦوٽا سپ درياءَ ۾!

⧈

آيو تنهنجي ٿَر، تو نہ سڃاتو سانورو!
هن سان ڪئي نہ رهاڻ تو ويهي هُن جي پَر:
هاڻي ويٺي ڳرِ، صدين جا اوسيئڙا!

⧈

نگينہ هِي ساند! آئي آهين دير سان:
تو ڇا سمجهيو جوهري، ڪيڏيا پئي هِت راند!
هاڻي پنهنجي پاند، پائي وڃ پڇتاوَ رِڙي!

⧈

تڏڙي رڻ جي ريت آ، مٿان ڪهڪشان:
جوڳي هلندو ٿو وڃي، آهي چنڊ اڳيان:
چمڪن تا پُريان، چانڊوڪيءَ ۾ جُهوڙا!

⧈

ادب ساڻ لطيف جي، اڳيان هُو آيو؛
نوراني نظرون ڪٽي، سيّد فرمايو:
”راڻي جي رهاڻ مان، ڪو آديسي آيو؛
چوڏهينءَ ماهه چنڊ جيئن، ڪيو سامهيءَ سُهائو؛
لَتو اونداهو جوڳيءَ سندي جوت سان!“

◙

پنهنجو پاڻ وڃاءِ! هلڪو ٿي هستيءَ ڪان-
پو تون وک وڌاءِ، پاڙي ڏانهن پرينءَ جي!

◙

جوڳيءَ جي نيڻن اندر سندر خواب هيا؛
خواب ڪڏي هُن سنڌ ۾ سيني کي ارپيا؛
پوءِ وٺي آڳيا*، ويو هُو جوڳي سانورو.

◙

جوڳي پنهنجي جُوءِ ۾ آيا صدين بعد؛
ڪندي تن کي ياد، صدين تائين سنڌڙي.

◙

*آڳيا - اجازت

## بيت

### سُر ڪاپائتي

ٽيندو ساري سُٽَ جو، توسان جت حسابُ،
ڏيندينءَ اُت جوابُ، ڪهڙو تون ڪاپائتي؟

جيڪا ڪندي ڏيان، سرتيون! پنهنجي سُٽَ جو،
ڪين لهندي مانُ، ڪاتارين جي سامُهون.

ڇا ڪيئہ ڇوري! آئينءَ ڏاڍي دير سان،
ڪهي وِيا ڪوري، سانجهيءَ آڏاٽا ڇڏي!

ڇا ڪيئہ ڇوري! ويٺي رهينءَ ماٺ ۾،
اُٺي ڏين ها عشق جو ڪپڙو تون ڪوري!
پڳينءَ نہ پوري، سُٽَ نہ سوريئہ سِڪَ جو!

پنهنجي رکجان پٽِ، متان آڏاٽو چڙهين!
سُٽُ سَدائين پريت جو، ڪورين سان گڏ ڪٽِ!
متان مُنجهئہ مٽِ، اُٽَڙَ ڪي اَڏَ ۾ چڙِهين!

هڪڙو پنهنجي هَٿِ، ڏاڍو ڪڙ تون پِريت جو،
گنجري ويندءِ چوڪري، ايڏو سُٽُ نَہ سَٽِ!
پهرين ڪاچو ڪٽِ، پوءِ هَلائج هَٿَ ڪي!

ڪڙ نہ ٻہ ڪاپا، چوري هڪڙي هٿّ ۾!
ناهي اُٽت زور جي، ڳنڍ نہ ڳانڍاپا،
لاهي لاڳاپا، هڪ ٿي اُڻ تون عشق سان.

هڪڙو هُن جي هَٿَ ۾، ٻئي ڏي هُنَ جي ڊِيڊَ،
سمجهيو مون سعيدَ، ڪيئن ڪتي ٿي چوڪري!

هڪ آڏاٽي ويهہ تون، هَرهَر ڪين مٽاءِ!
تڏهن ملندءِ جاءِ، ڪاتارين جي ير ۾.

تڪڙو هٿ نہ ڪڙ! ايئن نہ ٿيءُ اُتاولِي،
سور نہ اڳ ۾ سُٽَ ڪي، ڏاڍو ايئن نہ ڪُڙ!
پهرين مَنَ ۾ اُڻ، آڏاٽي تي پوءِ ڙي!

هُيس آءُ اُتاوِلي، تڪڙو ڪَتيو مُون!
سارو ٿي سرتيُون، منهنجو سُٺُ مُنجِهي وَيو!

◘

ويهي پنهنجي جاءِ، ڪَتِ قناعت ساڻ تون!
چَڏِ گهٽي جي گهرج کي، ڪاڏي نہ واجهاءِ!
سو ٿي سُٺُ لڳاءِ، جيڪو تنهنجي هَٿَ ۾.

◘

اُڏارو آٽي، ڪَتِ نہ تون ڪاپائتي!
واپس ڏيندينءَ سُٺُ سو سارو سياٽي؛
پنهنجي آڏاٽي، هُوندءِ خالي هَٿَ رِڙي!

◘

سُٺُ اُڏارو تون ڪَڏهن، سرتيءَ کان بہ نہ وِٺ!
سوري هَٿُ نہ چِن؛ ڪچڙي تند آ قُرب جي!

◘

توري کِهلَ آئِي، تانِي سَبُ ٽُٽِي پئِي؛
ڪَئي ڪمائي، پَلَ ۾ پُرزا تي وَئي!

◘

ڏاڍو مون کُهمَندُ، هُيو پنهنجي هَٿَ تي؛
ڇِڇي پَيو چوهَہ ۾، ڪيئن ڳنڍيان هي ڳنڍُ؟
ليِي نٿو مُنڍُ، سَرتيون مونکان سُٺَ جو!

◘

آڏاٽي ڏي آءُ تون، اُتي اڪيلي؛
ڪائي سهيلي، ڪِينَ ڪَتِيندي تو لَئي!

▣

گِنجريل ساري سُٽَ ڪي، لوئيءَ منجھ لڪاءِ!
وري ڪتڻ لاءِ، آڏاٽي ڏي آءُ تون!

▣

آڏاٽي ڏي آءُ تون، سُٽُ ڪٽي ساڳو،
عقل سان ڏيجانءِ تون، اکيُن اوجاڳو،
ڏاڳي ۾ ڏاڳو وِتي چڏجان ڪِين ڪا!

▣

اُبهرِي ناري! تَڪِرِ نہ ڪَرِ، تَندَ سان!
سَمجِهي هَٿُ هلائجان، رکجان هوشياري؛
پٿجي نہ گهارِي، ڪپڙي ۾ ڪاپائتي!

▣

ڪَنڌُ نِوائي ڪَتِ، واجِهہ نَہ ڪاڏي وجھ ڙي!
اوڏهين ڏِس ڪاپائتي، ڪتڻو آهي جِتِ؛
چَرِي! پنهنجي چِتِ، آڻ نہ خامَ خيال تون!

▣

ڪتج ويهي ڪُنڊَ ۾، نہ ڪي نيڻ ڏسن؛
تنهنجا عيب لِڪن، ڪپڙي ۾ ڪاپائتي!

▣

رَکُ سمورا رازَ ڪَتِڻِ جا ڪاپائتيَ!
ڪتج وينبي ماٺ ۾ ، سَپِ نہ سُٽائج ساز!
آڏاٽي آوازَ ٻاهر ٻُڏجن ڪِين ڪِي.

آهي زور نہ ڪو هيِ آڏاٽو عشق جو؛
ڪتڻ آهي قرب جو پورهيو پريت سندو؛
ملي پوءِ مزو ڪتڻ ۾ ڪاپائتي!

هيِ آڏاٽو عشق جو ڪتڻ واري دِل؛
محبت آ ململ، نازڪ تَندُون نينهن جُون.

پينر! مان پوري، ڳَتَڻ آيم ڪينڪي؛
ڪيڏيِ وِيا ڪورِي، مونکي پنهنجي ساٿ مان!

اج نہ سڏيائون، مونکي ڪم تي سرتيون!
مونکي پنهنجي ساٿ مان، ڇني ڇڏيائون!
هاڻي ڪيئن آئون، ويجهي وڃان اَرٽ جي؟

ڏِج نہ ڪنهن کي ويڻ، چَري! سَپُ سَهُہ چُپّ ۾!
ويجهي وَڃُ ٿُون اَرٽ جي، ڪٽي آلا نيڻ؛
وينهارينڊَءِ سيڻ، وري سڏي ساٿَ ۾!

پھرين اُٿت پانھنجي، ڏس تون پنھنجو پاڻ!
مَتان ڪا گھاري هُجي، مَتان ڪائي ڪاڻ؛
عيب ڪڍي سڀُ آڻ، ڪپڙو ڪاتارين اڳيان!

▣

آهي ساري سُٽَ جو، مَتان تنھنجي بارُ؛
مَتان اُٽين چار، اُٽجان هن سان ڪپڙا!

▣

ويھي ڪتِج ماٽ ۾، ڏِس نَہ ٻئي پاسي!
ڏاڳو نہ ڦاسي، انڌيا! تنھنجي اَرٽ ۾.

▣

ڏسي سُٽَ جو ڍيرُ، ڪُرڪ نہ تون ڪاپائتي!
تنھنجي حصي جو پلا، پيو ڪتيندو ڪيرُ؟
پنتي ڪر نہ پيرُ، ويھي ڪتج ماٽ ۾!

▣

ويھي ڪتِج ماٽ ۾، ڇڏ نہ سُٽُ هٿان!
ويٺي ڪُنڊ ۾ ڪم ڪر، سياڻي ڏيرج سان؛
ڪتِ تون قرب وچان، پورو ٿيندو پاڻ ئي!

▣

ويھي ڪتج ماٽ ۾، ڇو ٿي روڪين هٿ؟
پورو ڪرتون ڪم ڪي، اَڏَ مان ايئن نہ اُٿ!
سُيان سرتين سَٿ، توڪِينڏءِ ڪاپائتي!

▣

ويهي ڪتج ماٺ ۾، پُور نہ پنهنجا نيڻ!
سيان سرتين سامُهون، سَڏائيندَءِ سيڻ؛
توکي ملندا وڻ، اٽپوري ان اُٽت جا!

ويهي ڪتج ماٺ ۾، پُورو رک ماپو!
جي تو اٽپورو ڇڏيو ڪوئي ٻيي ڪاپو؛
سُيان ڏوراپو ڏيندَءِ سرتين سامُهون!

ويهي ڪتج ماٺ ۾، ڇڏ نہ اٽپورو!
تڏهن اُجورو پائيندينءَ پورهئي سَندو.

ويهي ڪتج ماٺ ۾، تڪڙي تَندَ نہ تاڻ!
ڇني وجهندينءَ چوڪري، ڏاڳا سٽن ساڻ!
پئجي ويندي ڪاڻ، ڪپڙي ۾ ڪاپائتي!

پينگ ڙِيا پاٽا، سرتيون! سُيَ وَسي پٽي؛
ڪاڏي وِيون ڪاپائتيون، ڪاڏي آڏاٽا؟
آهن اوراٽا، جيڏيون منهنجي جيءَ ۾.

بيت

## مڪليءَ! تنھنجي ماٿ ۾

ڪٽي مانَ اڪيُون، کھڙيون قبرن کي ڏسان؛
جيئن ڏسان تو جيءَ جون، پُرن ٿيون پتيُون؛
سِسڪن ٿيون صديون، مڪليءَ! تنھنجي ماٿ ۾.

◙

ڄنگھون چُرن ڪين ٿيون، ڪاڏي آءٌ چُران؟
بيٺو آنءُ پُران، ڪِريا ڪُنگرا جيءَ جا!

◙

ڄنگھون چُرن ڪين ٿيون، پير وَڃن اُبتا؛
چوڏاري ڪتبا، مڪليءَ! تنھنجي ماٿ ۾.

◙

مڪليءَ! تنھنجي ماٿ ۾، ڪاڏي ڪاوان موٽ؟
کھڙيون قبرون ڳوليان، ڳُھوريان کھڙو گھوٽ؟
ڪِري پِيا ڪوٽ، ھئہ ھئہ منھنجي ھانوَ جا!

◙

مڪليءَ! تنھنجي ماٿ ۾، پاتم پڙاڏا؛
آيا مون آڏا، ڳپيل سِرَ صدين جا!

◙

مڪليءَ! تنھنجي ماٿ ۾، پُسيا پنھنجا نيڻ؛
مونکي مليا ويڻ، صدين جي ھن سانت جا.

◙

## بيت

اينڌا هن نجيئن سِجَ تي، ڳڪرن جا ٽڪرا؛
ڏک سک جا لمحا، آهن سيئي عارضي.

◙

زهر گهريٖ جي زندگي، امرت ڏي اُن کي؛
ونڊرائي مَن کي، تازو ٿِي تفريح سان!

◙

هُونءَ تہ مونکي ڪين ها، وقت نہ ٿيِ ڪا وانڊِ؛
پوءِ بہ مَنَ جي پانڊِ، تنهنجي يادِ ڀڙي رَهي.

◙

پوڙهو گهرموٽيو پئي، هيڪل سومهياٽِيِ؛
بارشِ جو پاٽي، گهٽِيءَ ۾ بيٺو هُيو.

◙

ڪَاتي ڪاسائيءَ کي، ڪُڪڙيُون پِيجري ۾؛
سائي واري ۾، جيڪا تورَ ٿُري آچي.

◙

جيڪي ڪجهہ آهي، آهي سڀ الله جو؛
ونڊي ورهائي، ڏي تو ساري ڏيهہ کي.

◙

ماٺهو ميڙيندي، پنهنجو قُوت* ڳنو ڳندي؛
جيجان! جهِيڙيندي، منهنجي عُمر ڳِري وَئي!

◙

ان کان سَوا سعيد آ، کهڙي ڳويتا؛
سنڌوءَ سيپيتا، آهي هُن جي شاعري.

◙

---

*قُوت = کاڌ خوراڪ، ٻلُ، هيانءجهل، طاقت وغيره

# هائيڪا

## مرده پرست

چوتا اَنُ هاريو؟
هاٿي هُن جي قبر تي-
جنهن ڪي بُکَ ماريو!

## سوچ

لهرون آهن يا
پيشانيءَ تي سمنڊ جي-
گھنج ڪي سوچڻ جا!

## افسوس

جهٽڪ ڏيڻ ڪان پو:
منهنجي ڇاتيءَ سان لڳي-
هُوءَ رُني ڏاڍو!

## تنهائي

مان ۽ خالي گهر،
اڱڻ ۾ سِنجهيءَ تي -
هڪڙو ڪبوتر!

## ڳوٺ جي ياد

نِم جي وڻ هيٺان،
جوٺر جو مانيءَ ڳيو ـ
ڪاڏمر لسيءَ سان!

▣

## ڍهل

چوڏاري تاڙيون،
ڪائي پيو وچّ ۾ ـ
ڍُهَلُ چَمانُون!

▣

## فاني

ماڻهو ميڻ بتي:
ٻري ٻري هڪ ڏينهن ـ
ويندو نيٺ وِسِي!

▣

## ڪٽ-پڪو

بيهي هڪڙي هنڌ،
ڏسي ٿو هر ڪٽ ڏي ـ
پڪو ڦيري ڪنڌ!

▣

آهي بن تارن مٿان، ٽنگيل هڪ چولو،
مٿان ٽنهڻ اُسَ آ، ساڙي ٿو جهولو،
هيٺ آ پاڇولو اڪيلو ڏرتيءَ مٿي!

▣

گهٽيءَ ۾ هُو ٻارڙا، راند پيا ڪيڏن،
اڪيون پوڙهي شخص جون، ٻارن ڏي آهن،
ٻالڪپڻ جا ڏينهن ٿا، هن کي ياد آچن،
پَرچِي وِيون آهن، اکيوُن عينڪ جي پُٺيان!

▣

اچي ٿو طوفان هُو سامهون نهاريو!
ٻيڙيون ٻيهاريو ڪناري سان ٻانجِهيو!

▣

پاڻيءَ مان پُتڪو ڏئي، نڪتي هڪ مڇي،
نِيرو اُڀ ڏِسِي، موٽي وئي پاڻيءَ اندر!

▣

سوچيان ٿو تہ شروع جو ڪهڙو آ حصوّ؟
جِيوَن جو قصوّ قاتل پنا هَٿّ ۾!

▣

ڪارو دَرُ تقدير جو ڪوليو مون تالو،
پنهنجو آءُ چَڏي وَيس، هڪڙو حَوالو،
”سعيد“ لکيم نالو نيري وَرَق جي مٿان.

▣

# ڪٽو ڪٽو

(شعر)

هي زندگي تہ آهہ اچي ڪئنواس جيان،
هر شخص پنهنجا پنهنجا اچي رنگ ٿو پري

هيءُ جِيوَن تہ خواب ۾ گذريو؟
هڪڙو جِيوَن ڏيو! ساييان پايان!

رَتُ آ سعيد منهنجي سيني تي،
دوستن جي هٿن تي دستانا.

پوياڙيءَ جي ويل اکين ۾ ڳوڙها ها،
تيز هلي پئي ريل اکين ۾ ڳوڙها ها.

تارا تا ڏين پهرو
۽ سج سمهڻ ويو آ.

جسم تنهنجو لڳي ٿو صحرا جيئن،
هَٿُ جُنوني رُلي رهيو آهي!

شهر جي رش مان نڪري ڪين سگهين ٿو تون:
يا هو تو ڪان ڳوٺ جو ناتو وِسري وِيو!

# غزل

باغ، خوشبو، رات نُوري، سانورا!
تي ستائي دل کي دُوري سانورا!

منهنجي راتين کي اچي مهڪاءِ تون!
جسم آ تنهنجو ڪٿوُري سانورا!

ڳالهه آ سيني ۾ سا سانڍي رکي،
جا وئي رهجي اَڌوري سانورا!

زندگيءَ جون پيون تقاضائون بہ هِن،
عشق ٿي ناهي ضروُري سانورا!

دادُ ٿا بدلي ۾ هي جذبا گهرن،
شعر آ مَنَ جي مَزورِي سانورا!

تو لڪايا عيبَ منهنجا لوڪ کان،
هُئي تہ توکي سُڌ سَمُوري سانورا!

عشق جا آداب جنهن ڄاتا نہ پئي،
سعيد آ تنهنجو قصُوري سانورا!

◙

## غزل

ڪري ڇڏيس نہ پاڳل، ڪو ڪيس بدلائي،
ٿي آئيني جي اڳيان هُوءَ ويس بدلائي!

هي مَنُ جتي نہ ٿئي مطمئن پرينِ تنهنجو
اُتان ڪٿي ڪري اُن کي رکيس بدلائي!

پلي ڏسڻ ۾ ڪٿي شخص، هُو جوان آهي،
حقيقي عمر ڪٿي ٿو هي ڪيس بدلائي!

متانِ ميارَ ڏِيَن مونکي منهنجا ماروئڙا،
ڇڏيان مان ڪيئن لڱن تان هي ڪيس بدلائي؟

هِندُو ڪُراڙو چوي ٿو سنڌوءَ کي سارِيندي:
”اَسان وچائي ثقافت آ، ديس بدلائي!“

چريو مري آ بچيو پر، پڇيو نہ هُن ڪڏهن،
نہ آهہ هُوءَ ڪا هڪڙي، چوِيس: ”بدلائي!“

## ڪوليون

ڪِوليُن جي قطارَ:
اسيمبليءَ ڪان پوءِ ٻچڙ-
وڃن پيا ٻارَ!

## مونجهارو

ڳُڳُهہ اونداهي:
اڻ سونهو رستي مٿي-
اڪيلو راهي!

## مايا

سڀ مصنوعي ويس،
مڙئي آهن مورتيون -
دنيا ٻچڙ شوڪيس!

## وقت

پل جي مٿان،
ماڻهن جي اچ وڃ آ-
وهڪرو هيٺان!

# غزل

خواب پوکيا هيا، ۽ لُٽيون حسرتون!
دل ۾ آهن پرين! اڻ ڳڻيون حسرتون!

ماءُ جي هنج ۾، ڪيڏا سپنا هيا،
سا وَئي ڪٽ تي بس ڪٽيون حسرتون!

منهنجي من ۾ سدائين ٽيون ڇُپنديون رهن،
ڇڙ تہ سيخن جون آهن اَٽيون حسرتون!

نعمتون زندگيءَ جون تہ آهن لکين،
پر اسان لاءِ آهن ٻٽيون حسرتون!

منهنجو ڇهرو سمورو پُساٽي وَيون،
مينهن جون ڇڙ تہ آهن ڪٽيون حسرتون!

آس جا وڻ لوڏيا خزان جي هَوا،
هڪ نہ سپنو ڪريو پر ڇٽيون حسرتون!

سنڌ ڪي سي سٽي شاعري ٽيون ڏين،
سعيد! تنهنجون اسان ڪي وٽيون حسرتون!

# وائي

ڪنڌن ۾ چارو
گهر جي پٽين جو.
رنگ نہ ساڳيو آ رهيو!

نالي جي تختي لڳل،
ڪاٺي آ نالو؟
رنگ نہ ساڳيو آ رهيو!

پاڻي آڻيو سنڌ ۾،
پنهنجن فصلن جو.
رنگ نہ ساڳيو آ رهيو!

تارا دونهين ۾ لڪل،
اُپ نہ آ نيرو.
رنگ نہ ساڳيو آ رهيو!

سنڌ تہ سهڻي هئي مگر،
هاڻي چوهُن جو.
رنگ نہ ساڳيو آ رهيو!
رنگ نہ ساڳيو آ رهيو!

◻

# وائي

ڊوليا! ڪائج ڳس،
راڻا! ايئن نہ رُس-
موٽي آ تون مينڌرا!

مون تي سانوڻ مينهن جان،
آڏيءَ ويلي وَسُ-
موٽي آ تون مينڌرا!

تو ريءَ جوڀَنُ ٿو جلي،
پارڻ اچي ٿُون پَسُ-
موٽي آ تون مينڌرا!

ڳل ٽِڙيا هن ڪاڪ ۾،
رُت نہ ڏي تي رَس-
موٽي آ تون مينڌرا!

چوڏينهنءَ چانگي تي چڙهي،
سا ڳيو وٽي ڳس-
موٽي آ تون مينڌرا!
موٽي آ تون مينڌرا!

# وائي

ڇُلھہ جي چوڌاري،
ناريون ويٺيون هن۔
باھہ ٻري ٿي پٽي!

سِهرا، رات، سَکيوُن،
شعلا ٿا جُهومن۔
باھہ ٻري ٿِي پٽِي!

نيٽن ۾ تانڊا،
سپنا ٿا پچرن۔
باھہ ٻري ٿِي پٽِي!

عشق ڀِيَڙ ٻاريا،
سوچون ڪئن نہ جلن۔
باھہ ٻري ٿِي پٽِي!
باھہ ٻري ٿِي پٽِي!

## وائي

آخر ڏينهن مري ويو
ڪارو ويس ڍڪي ـ
روئي پيئي رات آ!

پاتالن ۾ سج ڪِي،
ڇڏيو ڪنهن ڍڪي؟
روئي پيئي رات آ!

جنوريءَ جي سيءَ ۾،
پَنُ پَنُ تو ٿڙڪي ـ
روئي پيئي رات آ!

تي هُوءَ اوسيئڙو ڪندي،
هَرهَر راهہ تڪي ـ
روئي پيئي رات آ!
روئي پيئي رات آ!

سارو جِيوَن جاڳيو آهيان،
آئون تنهنجي اوسيئڙي ۾؛
تو سان ٿي مان واڳيو آهيان،
سارو جِيوَن جاڳيو آهيان.

ڀُلج نہ پياري! ساڳيو آهيان،
تنهنجي چاهت آ جيئڙي ۾؛
سارو جِيوَن جاڳيو آهيان،
آئون تنهنجي اوسيئڙي ۾!

⊡

ڪنهن جي ياد جو عڪس هو اُڀريو
رات اندر جي آئيني ۾؟
سالن بعد بہ ناهي وسريو
ڪنهن جي ياد جو عڪس هو اُڀريو!

ماضيءَ جو سو وقت تہ گذريو
زخم ڇڏي وِيو پر سيني ۾؛
ڪنهن جي ياد جو عڪس هو اُڀريو
رات اندر جي آئيني ۾!

⊡

قَٿّ زخمي جيءَ جا پِيا ٽا ڪُرن،
ڪيئن ايندو چين هاڻي پاڻ کي؟
سَڏّ ۾ سُڏڪا ڳَنَن ۾ ٽا ڀُرن،
قٿّ زخمي جيءَ جا پِيا ٽا ڪُرن۔

گيت، دوها، بيت سڀ پِيا ٽا جُهرن،
ڪا لڳي آچوٽ منهنجي جاڻ کي؛
قَٿّ زخمي جيءَ جا پِيا ٽا ڪُرن،
ڪيئن ايندو چين هاڻي پاڻ کي؟

ڪنهِين جي نگاهُن ۾ ڳوڙها ڏِسِي،
اسان جون به پلڪُون پُسِي ٿيون وڃن؛
اکين منجهه ڪڪريون پَون ٿيون وسِي؛
ڪنهين جي نگاهن ۾ ڳوڙها ڏِسِي...

ٿئي ٿي ڪنهين سان به ناجائزي،
اَسان جون مُنيون بَندِ ٿي ٿيون وڃن؛
ڪنهين جي نگاهن ۾ ڳوڙها ڏسي...
اَسان جون به پلڪون پُسِي ٿيون وڃن.

## وائي

اڄ ملي هئي سَگِهي،
ڏيوڙيءَ ۾ اچي-
مان اُتان مرڪندو ٿو اچان!

چوطرف چنڊ جي روشني،
ڳوٺ چارو وٺي-
مان اُتان مرڪندو ٿو اچان!

تنهنجي خوشبوءَ سان واسيل لڳي،
تنهنجي گهر جي گهٽي-
مان اُتان مرڪندو ٿو اچان!

حادثن سان اٽم دوستي،
چوٽ جت پئي لڳي-
مان اُتان مرڪندو ٿو اچان!

تو انڌيري ۾ مارڻ گهريو
۽ ڪري روشني-
مان اتان مرڪندو ٿو اچان!
مان اتان مرڪندو ٿو اچان!

# ترائيل

زندگيءَ ڏي مان ويس پئي هيڪلو
واٽ ۾ ڪئي حادثا رَلجِي پيا،
ڳِڏَ لڳي پيو خواهشن جو قافلو
زندگيءَ ڏي مان ويس پئي هيڪلو۔

ايترو ڳُتجي وَيو هَر سِلسِلو
جو آسان جا نيڻ ٿي اُلجِهي پيا،
زندگيءَ ڏي مان ويس پئي هيڪلو
واٽ ۾ ڪي حادثا رَلجِي پيا!

▣

مان سکن جي ماڳ ڏي وڏندو رهيس،
پر ڏکن پيڇو نہ ڪڏهين ڀي ڇَڏيو،
درد جي ٽانڊن مٿان هلندو رهيس،
مان سکن جي ماڳ ڏي وڏندو رهيس۔

مان سدائين جنهن جي لاءِ سِڪندو رهيس،
سو نہ ساٿي پنڌ ۾ مون سان ڳڏيو،
مان سکن جي ماڳ ڏي وڏندو رهيس،
پر ڏکن پيڇو نہ ڪڏهين ڀي ڇَڏيو!

▣

## غزل

انهن کي ڪياسين ها سڏڙا ڏسِي،
ويا پوڻ هلندا هُو تڪڙا، ڏسِي!

سِپيَل دل جا تاڪا تا اُڌڙي پوُن،
انهن ئي لتن منجهہ ٻچڙا ڏسِي!

اندر ۾ پرين سي تہ پورا آتئہ:
ڊگها بانس جا ڀُلُ نہ لڪڙا ڏسي!

"اوهان جي نصيبن ۾ ناهيون پرين!"
چيو ڪيئن هُيرءِ منهنجا هٽڙا ڏسي؟

ڪرم جو ڪڳرُ ويو وَسائي ڪٽيون،
مسافر جا رڻ منجهہ چپڙا ڏسي!

وَڏيون ڪِين ڇوڪنهن جون اڳتي وکون؟
اسان جي هٿن منجهہ گلڙا ڏسي!

اچن يارَ مونکي "سهڙ" ياد تا،
ڪراچيءَ ۾ ماٺهن جا ڪُڌڙا ڏسي!

▣

## غزل

ڏٺوسين نہ آزاد پنهنجو وطن،
سگهن شل اسان جا هي ٻچڙا ڏسي!

انڌيون ڏينهن جو هن انهن جون اکيون،
سگهن رات جو ٿا هي چمڙا ڏسي!

ننڍو ٻار آهي هِي ڪنهن جو نسل؟
ٻڌائي سگهن ٿا هي وڏڙا ڏسي!

ڪپرتي هُون ڏُٽنديون قطارون ڪري،
پري ڪان ها سگهبا سي ڪپڙا ڏسي!

ٻکي جي لڳي پرسان جهرڪي مُٺي،
نٿيو مان سگهان اُن جا ٻچڙا ڏسي!

ضمير آ اسان جي وڪالت ڪئي،
عدالت جا دل ۾ ڪٿهڙا ڏسي!

الائي چو دل مان ڪُتل ڪجھ لڳو
مُهين جا قتل سارا گهرڙا ڏسي!

## غزل

پُسي ويئي پوڙهيءَ جي ٽُڪ جي رِلهي،
سگهيو ڪين سي ڪوبہ ڳوڙها ڏسِيَ!

”مڙهي-ٽَڪَ“ جا هي پيي نمائنده هن:
نہ گهٽ پانءِ تن کي تون ڪدڙا ڏسي!

اُجو ڪانءِ منجهند جو پيت تان لٿو:
اڱڻ ۾ سِنجهيءَ هيٺ دِلڙا ڏسي!

پڳو ڪيترو خوش ٿِي هِيروئِني:
مٿان ڍير جي چند پاتا ڏِسي!

وَهَنِ ٿيون ڪري نارَ منهنجون اکيون:
سُڪل سندا! اڄ تنهنجو دريا ڏسي!

چوي دل ٿي پيدل سفر طئہ ڪجي:
مهانگا هي گاڏين جا ڀاڙا ڏسي!

# غزل

سچاڻ ۾ هرڪو مُنجهي ٿو پوي،
ٻہ پاڙي اندر ٻارَ جاڙا ڏسِي!

ڪُڇيو ڪِين ٻيهر ڏِنَل خواهش:
هٿن منجهہ ڪاتيون ڪهاڙا ڏسي!

اسان ٻيرَ پُنتي هٽائي ڇڏيا،
اُنهن جي اکين ۾ اُماڙا ڏسي!

آسان ڪان تہ منزل بہ وِسرِي ويئي،
چُوانا ۽ رستي ۾ لاڙا ڏسي!

ڇُٽِي قيد مان آهہ ٻهڪِي پئي،
ٿي مرڪي پري ڪان مَنهَڙا ڏسي!

# چؤسٽا

ڪٽڪٽايئم صدا جو دروازو
سو نہ نڪتو خطا جو دروازو!
آءُ تو ڪان سِوا وچان ڪاڏي؟
کول مون تي عطا جو دروازو!

▣

تنهنجو پاڙو نہ آستان اُهو
ناهہ ڪوئي رهيو نشان اُهو:
پاڻ پوڙها پرين وَياسين ٿي،
عشق آهي اجا جوان اُهو!

▣

ڪو سُگهڙ ڪين آ پيچي سگهيو
زندگي ڏِتّ ۾ ڳجهارت آ:
فلسفي جيئن آ وَيو گهرو
ڪيس حاصل وڳو تي حيرت آ!

▣

کول قصّا وري نہ ماضيءَ جا،
مان بہ هاڻي هِري چُڪو آهيان:
پنهنجي جنّت ۾ پاڻ ٿي رهہ تون:
مان بہ ڏرتيءَ جو ٿي چڪو آهيان!

▣

ساجهر جيئن ٿي سج جون، شاخون ڦٽڻ لڳيون،
پنهنجي پريءَ جي دَرِ اکيُون وڃڻ لڳيُون؛
دل عشق جي مندر ۾ داسِي بڻي رهِي،
مَنَ ۾ عبادتن جون، گهنڊڙيُون وڃڻ لڳيون.

هو ڳتيل مانداڻ، اڻ ڪٿ پيچرا،
سوچ اڻ سونهين جيان گُم ٿِي وَئِي!
واءُ وانگر وقت ٿو هلندو رهي!
زندگي دونهين جيان گُم ٿي وئي!

مون تلاشيو ٿي رازُ جِيوَن جو
هَٿِ نہ آيو جَوازُ جِيوَن جو!
بي خوديءَ ڪي چيم تہ ڳاءِغزل!
۽ وڄايو مون ساز جِيوَن جو.

# پنجڪڙا

بيٺو آ خاموش ڪنارو
ڪو ٽي پُڏي ٿو وقت۔نديءَ ۾
لهرن جا ٿس هَٿَ ٻچيءَ ۾
ڪونہ ڪري ٿو "وارو وارو!"
بيٺو آ خاموش ڪنارو!

◘

زندگي چڻ تہ رائگانُ وئي،
جن کي مون ۾ هئي اميد گهڻي۔
۽ ڏٺائون ٿي مون ڏي نيڻ کڻي،
ڪين سگهيس تنين جو ساٿُ ڏئي!
زندگي چڻ تہ رائگانُ وَئي!

◘

نَہ شاعريءَ سان شغف آ، نہ دل ڪتابن سان،
نہ دوستن سان ڪچهريون، نہ ڀوڳ، ڪل ،چرچا،
اَلائي ڪيئن حياتي مَٿي وَئي رَستا،
رُڳو آ واسطو گهر جي ڪندن، حسابن سان،
نہ شاعريءَ جو شغف آ، نہ دل ڪتابن سان!

◘

چانوَ وٽن جي، گيت پکين جا،
مونکان ڪير ڪسي ويو آهي؟
شهر ۾ پيئي دل گهبرائي،
مونکي ڏاڍو ياد اچن ٿا۔
چانوَ وٽن جي، گيت پکين جا!

▣

اِستوپا جي پوئتان،
هُو ڏسُ سِجُ لَهي وَيو!
سِجُ پِي جڻ تہ ٻُڏي وَيو،
مُوهَنَ جي تهذيب جيان!
اِستوپا جي پوئتان!

▣

اچو ڙي اچو لڙڪ موتي اچو!
اسان کي ويا اج سهارا ڇڏي،
اڪيلائي منهنجي اوهان کي سڏي،
چوي ٿي تہ اجڙيل اکين ۾ ٽِڪو!
اچو ڙي اچو لڙڪ موتي اچو!

▣

پٽر ڏار نہ ٽيا مون کان،
ساندھہ سِرَ تي برسيا هِن!
مري ويس تہ بہ ترسيا هن!
منهنجي قبر جي مٿان۔
پٽر ڏار نہ ٽيا مون کان!

▣

پنجڪڙي جي ست جيئن واپس اچي،
آءٌ پي ايندس اِئين موٽي وَري!
تون متان سمجهين صفا ويندس مري!
هيءُ سفر اُونداهہ جو ايندس ڪٽي،
پنجڪڙي جي ست جيئن واپس آچي!

يِنيوري اُڏي وَئي،
پِيو پڪڙيس نينگر:
لُڏيو جيئن ڊينگر،
ٽپو ڏئي اُڏي پَئي-
يِنيوري اُڏي وَئي!

سانورو جوڳي ڏسي ٿو خواب ۾:
ڪو ستارن ڏي ڏسِي ڳائي پيو!
ننڊ مان صحرا ڪي جاڳائي پيو
جڻ صدين جو درد آ آلاپ ۾-
سانورو جوڳي ڏسي ٿو خواب ۾!

سانورو جوڳي ڏسي ٿو خواب ۾:
هيءَ ڪهڙو شهر آ پاڻيءَ ۾؟
سائو سائو زهر آ پاڻيءَ ۾!
گهرَ لڙهندا ٿا وڃن سيلاب ۾!
سانورو جوڳي ڏسي ٿو خواب ۾!

▣

سانورو جوڳي ڏسي ٿو خواب ۾:
هَٿُ سندس، نيرا ورق ڳولي پيو:
پنهنجي هُو تقدير کي ڳولي پيو:
پوءِ ڪجهه پيهر لکي ٿو باب ۾-
سانورو جوڳي ڏسي ٿو خواب ۾!

▣

# پنجڪڙو نظم

سانورو جوڳي ڏسي تو خواب ۾:
ڪو ستارن ڏي ڏسِي ڳائي پيو!
نند مان صحرا کي جاڳائي پيو،
چڻ صدين جو درد آ آلاپ ۾۔
سانورو جوڳي ڏسي تو خواب ۾!

سانورو جوڳي ڏسي تو خواب ۾:
ڀيءَ ڪهڙو شهر آ پاڻيءَ ۾؟
سائو سائو زهر آ پاڻيءَ ۾!
گهرَ لڙهندا ٿا وڃن سيلاب ۾!
سانورو جوڳي ڏسي تو خواب ۾!

سانورو جوڳي ڏسي تو خواب ۾:
هَٿُ سندس، نيراورق کولي پيو،
پنهنجي ڀُو تقدير کي ڳولي پيو،
پوءِ ڪجهه پيهر لکي ٿو بابَ۔
سانورو جوڳي ڏسي تو خواب ۾!

# غزل

ها اسان جو دين هي عشق آ، ڪئي بيعت دل جي قبول آ،
هي اسان جي دل جو ڪلام آ، هي اسان جو شعر نزول آ.

جو نہ دل جي دانهن ٻڌي سگهيو جو نہ مَن جو ماڻ رکي سگهيو
سو اسان ڪان آهہ پري پلو وري وِچڙ تنهن ڏي فضول آ.

وري آيو آهہ يزيد ڪو ڏسان بيگناهہ مان لاش ٿو
وري عورتن جي عزت لٽي، بنا پردي بيني بتول آ.

نہ خدا جي واٽ وٺي سگهيو نہ بتن جي آڏو ٽڪي سگهيو
نہ ڄميو رهيو پنهنجي شرڪ ۾ نہ هليو هُو راهِہ رسول آ.

ڪا جهلڪ ڏٺيسين سعيد اڄ، وري ياد ڪوئي اچي وَيو
وري ٿاڪا دل جا ٽٽي پيا، وري مَن اسان جو ملول آ.

## غزل

رُلياسين جڏهن تہ اَجايو سڌُن جي صحرا ۾،
مليو نہ ماڳ پرينءَ جو نہ تياڳ جي خوشبو.

الائي ڪهڙي چرئي هِي چندن جلايو آ،
اَچيس ڇو نہ تي آخر هي آڳ جي خوشبو؟

انڌيري رات ۾ ڪمري ۾ چار چَپ ويجها،
نرم بدن جي تپش ۾ مُساڳ جي خوشبو.

پوي ٿو جڏهن هتي هاڻ نَڪُ ٻُوساتي،
وٺي اُڏامي اسان جي، ها ڀاڳ جي خوشبو.

تي ناري شام جو گهر ۾ پچائي برياني،
سموري پاڙي ۾ پهتي آ، داڳ جي خوشبو.

شهر ۾ رهندي ٿيا سَال ڪيترا آهِن،
نہ وسري مونکان اچا آهہ ساڳ جي خوشبو!

آ پنڌُ تورڙو هاڻي، ٿَڪَلَ قَدَمَ نہ بيهو!
اَچي رهي آ هَوا مان، ها! ماڳ جي خوشبو.

## غزل

اَسان جو آهه هي جِيوَن جَڙاءُ مِٽيءَ جو،
ڪندو بہ ڪيترو گهرڙو جَتناءُ مِٽيءَ جو!

اُتر جي واءُ ۾ ڪيڏو سڪون بخشي ٿو،
اُني ڪانپوءِ هَوا ۾ هُڳاءُ مِٽيءَ جو!

شفاف پاڻيءَ ۾ ڏسبا ها عڪس نارين جا،
سُڪل پيو آ اُهو ئي تلاءُ مِٽيءَ جو!

وڏي سگهاري آ ٿيندي ڏِڪارَ ڏرتيءَ جي،
ڏسي بہ سگهندو نہ آهي ڪو تاءُ مٽيءَ جو!

ڪندي آ قوم جا پنهنجي وطن جي رکوالي،
ڪسي نہ سگهندو آ دشمن ڪو پاءُ مٽيءَ جو!

شهيد تنهنجي جسم جو هي خون شاهد آ،
ڏئي تون جان ڪري وئين دفاع مٽيءَ جو!

سَرير منجهه سمايَلُ آ، آسماني مَنُ،
مليو آ سعيد، آسان کي سُپاءُ مِٽيءَ جو!

## نثري نظم

اهو ڳوٺ ڪٿي آهي؟
جتي اکيون ڪولڻ سان
نيڻ - نهار تائين
فطرت جي سندرتا
سامهون پسندو هوس.

جتي رات جو
اوطاقن ۾ سُگهڙ
ڏٺ، پرولين ۽ ڳجهارتن ۾
زندگيءَ جي رازن کي کوليندا هئا_
۽ رمزون سلجهائيندا هئا
تان جو باک ڦٽڻ لڳندي هئي!

جتي ڳوٺ جي ڳلين ۾
ٻارڙا لڪ لڪوٽي راند کيڏندي
جوانيءَ جي حدن ڏانهن
وڌندا ويندا هئا!

اُتي اڄ مونکي
ڇوڏاري نڪاڙن جا آواز
بارود جي بُوءِ
۽ گهٽين ۾ گولين جا ڪوڪا نظر اچن ٿا
۽ دلين ۾
نفرت جي باهه!

او امان!
اهو ڳوٺ ڪٿي آهي؟
جتي مونکي تو جنمر ڏنو هو!؟

## نثري نظم

### وڃائجي ويل ماڻهو

رات جي وقت
گهٽين ۾
ڪتا ڀونڪي رهيا آهن
چوڪيدار جي سيٽيءَ جو آواز
اچي رهيو آهي
۽ ماڻهو
گهرن ۾ جسم ڦِٽي ڪري
ڪيڏانهن هليا ويا آهن...!؟

## نظم

پنهنجي مصّور دوست رضوان لاءِ

هن جي من ۾ سمنڊ لڇي ٿو
لهرن اندر رنگ ٻرن ٿا
گهري گهري سمنڊ جي اندر
چرڻ کوا هڙو ته خانو آ
جنهن ۾ ڪيئي تصويرون هن
جن کي هن جا
نيڻ ڏسن ٿا
۽ پوءِ هن جا
هَٿَ وڌن ٿا
اونداهيءَ مان
تصويرن کي
ٻاهر هن جا
هٿ ڪڍن ٿا
۽ پوءِ سارا نيڻ ڏِسن ٿا
ڪئنواس تي چِٽَ ٻرن ٿا!

## نظم

*جاني....!

تون جڏهن ٻيي آن مسڪرائيندو
تنهنجي چهري تي ڪاڻي پاسي ڪان
جاني! ٻريل ٻريل ڳٽي اندر
ڄُگهه جيڪو پرين! اٿهي تو هي
سو تہ پيارا! سيئي پريشانيون
ويندو آهي ٻري اُڏاريندو
مونکي غم کان نجات ڏياريندو.

*جاني = اياز جاني، منهنجو شاعر دوست

## گيت

منهنجو من آ صحرا وانگر،
پيار آ بادل جيئن-
پيار آ بادل جيئن!

ساندهہ دل جي ڌرتيءَ تي هو
برسي سگهندو ڪيئن؟
پيار آ بادل جيئن-
پيار آ بادل جيئن!

ڪڪرين واري عادت سڪيون،
اکڙيون آهن ڪيئن؟
پيار آ بادل جيئن-
پيار آ بادل جيئن!

نفرت واري واءُ وڇايو
هُو نہ وچي ها هيئن!
پيار آ بادل جيئن-
پيار آ بادل جيئن!

# گيت

دل وسائي هئي،
زندگيءَ ۾ تہ هُونءَ، بي مَزائِي هئي!

هيڪلائي هئي،
ڊل وسائي هئي؛
هيڪلائي هئي!
رات وهنجڻ جڏهن. هُوءَ جواني لَٿِي،
هئي پِرِي جڻ تہ ڪا. آسمانِي لَٿِي؛
نُور — جَهرِٽو هيو۔

روشنائي هئي!
هيڪلائي هئي!

گڏجي ايندين هُيون، چوريون گوريون چنيُون،
هيٺان پَٽَ تان ڪٽڻ هِي نموريون ڦِڪيُون،
تن ڪي پَرٽو هيو.

ڪانـ آئي هئي!
هيڪلائي هئي...!

ها ڏٺوسين اسان چنڊ ڪوليءَ منجهان،
قيد پاتو نندو ڪنڊ ڪوليءَ منجهان،
هائو لڙٽو هيو.

واٽ اهائي هئي!
هيڪلائي هئي...!

عمر فاني لڙهي، ويئي درياهہ ۾
ڪٽ امرتا اسان جي هئي ساهہ ۾
نيٺ مرٽو هيو.

جِند پَرائي هئي!
هيڪلائي هئي...!

شهر هرڪو ڪمن ۾ رڌل پئي لڳو
ڪين ڪنهن جو بہ ڪوئي ڏٺل پئي لڳو،
سعيد ورٽو هيو.

هِتِ رُڪائِي هئي!
هيڪلائي هئي...!

## گيت

سنڌوءَ چوليون۔
پيڙيءَ تي مان، خوشبوءِ خوشبوءِ واءُ!
هاڻي تون پيِ آءُ!
هاڻي تون پيِ آءُ!

اُجري اُجري پاڻيءَ جو مون،
جيئن ٿي ٻڪ ڀريو،
منھنجي ٻڪَ ۾ پاڻيءَ مٿان،
اچي چنڊ ڪِريو۔
فطرت جي ٿي سونهن سان آهي، جڳ ۾ هي جرڪاءُ!
هاڻي تون پيِ آءُ!
هاڻي تون پيِ آءُ!

نم جيٗ گهاٽي ڇانوَ ۾ ويهي،
ڇانور سوئي ٿي؛
ڇَڄُ پُسي ٿو ڳوڙهن سان هُوءِ،
ڪنهن لئہ روئي ٿي؟
شايد هُن جي سيني ۾ آ، ساجن جو سوداءُ!
هاڻي تون ئي آءُ!
هاڻي تون ئي آءُ!

پپير جڪڙجي وِيا هن منهنجا،
دَرَ جي ڇانئٺ تي؛
دروازو جڻ ڇتي رهيو آ،
موتي وچ پُنتي!
تنهنجي دَرَ تي آيو آهيان، سڪي ڪرڻ سرچاءُ!
هاڻي تون ئي آءُ!
هاڻي تون ئي آءُ!

هي جو سنڌوءَ منجهہ وهي ٿو
ناهَرِ اهو پاڻي!
سعيد اها ٿي ڳوڙها ڳاڙي۔
سنڌڙي ويڳاڻي!
ڌرتيءَ جي دردن جو حل ڪو گڏجي ڳوليون پاءُ!
هاڻي تون ئي آءُ!
هاڻي تون ئي آءُ!
هاڻي تون ئي آءُ!

# گيت

او ڙي بادَل!
او ڙي بادَل!

موٽي وڃ!
موٽي وڃ!

هينئر هينئر روئي روئي،
مس مس آهي سمهيو ڪوئي،
ٻُوٽي نيڻ سُڄَيل...
او ڙي بادَل!
او ڙي بادَل!

موٽي وڃ!
موٽي وڃ!

تنهنجي روئڻ سان ڏُکيارا،
نيڻ نديءَ ۾ لڙڪن ڌارا،
ڪائي پئي نہ اُٿل...
اوڙي بادل!
اوڙي بادل!

موتي وڄ!
موتي وڄ!

هيءُ ستل جي جاڳي پوندو
پوءِ تہ ڏاڍو روئي پوندو
توسان گڏ پاڳل...
اوڙي بادل!
اوڙي بادل!

موتي وڄ!
موتي وڄ!

پنهنجا ڳوڙها ڳاڙ نہ هتڙي،
سڏڪن وانگر ايئن نہ گج ڙي!
منهنجي مَجُ پايل...
اوڙي بادل!
اوڙي بادل!

موتي وَڄُ!
موتي وَڄُ!

## گيت

لاءِ چاتيءَ لاءِ!

مٺان مينهن وسي ٿو...

پاڻ ۾ لڪاءِ!

مٺان مينهن وسي ٿو...

هيءَ سنهي ويس منجهان جسم ٿو جرڪي،
جسم ٿو جرڪي-
وڃ نہ ڪيراءِ!
مٺان مينهن وسي ٿو...
مٺان مينهن وسي ٿو...
آهہ گهڻو سيءُ منهنجا لڱ ڏڪن ٿا،
لڱ ڏڪن ٿا-
لڱ هي گرماءِ!
مٺان مينهن وسي ٿو...
مٺان مينهن وسي ٿو...
مينهن ڪٽا تنهنجا اڇي ڳل چمن ٿا،
ڳل چمن ٿا-
ڪنڌ ڪي نِواءِ!
مٺان مينهن وسي ٿو...
مٺان مينهن وسي ٿو...
لاءِ چاتيءَ لاءِ!
مٺان مينهن وسي ٿو...
پاڻ ۾ لڪاءِ!
مٺان مينهن وسي ٿو...

## وائي

ڪو ڏسڻ وارو هجي،
زندگي رنگين آ!

اُڀ جي نيراڻ ۾،
تو اَڇو بادل گهمي...
زندگي رنگين آ!

گلّ جا ڳاڙها ڳٽا،
تو ڦڪو پوپٽ چُمي...
زندگي رنگين آ!

سائي تاري ٽِمر جي،
ڪانءُ تو جنهن تي لنوي...
زندگي رنگين آ!

سعيد ڏِسُ ڪولي اکيوُن،
هَر نظارو تو ڏسي...
زندگي رنگين آ!
زندگي رنگين آ!

## وائي

گهر جون ديوارون،
ڳالهائڻ ٽيون چاهن مون سان!

آڏيءَ ويلي من— وستيءَ ۾،
ساجن جون سارُون...
ڳالهائڻ ٽيون چاهن مون سان!

پيرن هيٺان چيپاٽيل هِي،
گُلَ جون مهڪارون...
ڳالهائڻ ٽيون چاهن مون سان!

اوسيئڙي جي رڻ مان ايندڙ
ڪنهن جون پُڪارون...
ڳالهائڻ ٽيون چاهن مون سان!

مس مس ڪين وساريم پر اڄ،
ساجن جون سارون...
ڳالهائڻ ٽيون چاهن مون سان!
ڳالهائڻ ٽيون چاهن مون سان!

# وائي

جِيوَن اُس ۾ جا هستي هئي،
مون لئہ چانوَ جيان...
هاٺي سا بہ نہ آ!

باغيچو آباد هو گهر جو
هڪ ٿي مڪڙيءَ سان...
هاٺي سا بہ نہ آ!

ٽيندي هئي جا اونداهہ روشن،
ڏيئي لاٽ منجهان...
هاٺي سا بہ نہ آ!

شهر مان جلدي ورندو هُس جو
گهر ڏي مان جنهن ڪان...
هاٺي سا بہ نہ آ!

جيئڻ جو اتساهہ مليو پئي،
جنهن جي مرڪڻ سان...
هاٺي سا بہ نہ آ!
هاٺي سا بہ نہ آ!

## وائي

سڪل وڻ تان، اُڏيو پکيئڙو
پننجي پنهنجي ڳولا سپ کي!

هن کي پنهنجو چار آ اُٽڻو
جنهن ۾ تو جاچي ڪوريئڙو...
پنهنجي پنهنجي ڳولا سپ کي!

ماڳ تکي تو ڪاٽي هڪ هنڌ،
پنڌ ۾ آهي هر پانڌيئڙو...
پنهنجي پنهنجي ڳولا سپ کي!

ڪاري چادر کي سُر ڪائي،
هرهر چنبڊ تو پائي ليئڙو...
پنهنجي پنهنجي ڳولا سپ کي!

جيڪو پيار نہ پائي سگهيس:
تنهن کي تو جاچي هيءُ جيئڙو...
پنهنجي پنهنجي ڳولا سپ کي!
پنهنجي پنهنجي ڳولا سپ کي!

## وائي

ڇاتيءَ ڏَک ڏَک آ_
ڪنڏيءَ جي پرسان!

پنبڻيون آهن آليون،
ڀوَرِ ڏَک ڏَک آ_
ڪنڏيءَ جي پرسان!

ايندو ايندو سانورو،
ويٺي ٽَک ٽَک آ_
ڪنڏيءَ جي پرسان!

هلڪا سڏڙا نارِ جا،
چُوڙيُن ٺَک ٺَک آ_
ڪنڏيءَ جي پرسان!

ڀڪڙيو ڪنهن جو پيار ۾
ڪيڏي ٻَک ٻَک آ_
ڪنڏيءَ جي پرسان!
ڪنڏيءَ جي پرسان!

## وائي

آڏيءَ وٽن ۾،
آهن هلڪيوُن ڳالھڙيُون!

لڪي ٿيا چور ھِن،
داخل ڏٿن ۾ـــ
آهن هلڪيون ڳالھڙيوُن!

ننڊڙي هَٿ هنيس پئي،
هَر هر ٽٽن ۾ـــ
آهن هلڪيون ڳالھڙيُون!

پِڄندي آءٌ ٻڌان ٻيو
مينهن جي ڪٽن ۾ـــ
آهن هلڪيون ڳالھڙيُون!
آهن هلڪيون ڳالھڙيُون!

## وائي

منهنجي ذهن اندر،
يادون برف جيان-
چمي وَيون آهن!
ڊائري بند آهي،
سارون صفحن سان-
چمي وَيون آهنَ!
نڪرن ٿي نٽيون،
دانهون نڙيءَ مان-
چمي وَيون آهن!
لڙڪن لارون پيئي،
ٻٽيون برف جيان-
چمي وَيون آهن!
چمي وَيون آهن!

# وائي

ڪانئا گهڙيءَ جا اِهي،
ڪاٽي گول چڪرَ ـ
ڇاتا سمجهائين؟

ڪنڊر قتل شهر جا،
پراڻا پٿرَ ـ
ڇا تا سمجهائين؟

سانجهيءَ جو آڪاش ۾،
ورنديءَ ويل وَلرَ ـ
ڇاتا سمجهائين؟

اُڏوهيءَ ڪاٽي ڇڏيا،
ڇت جا هِي پَڃرَ ـ
ڇا تا سمجهائين؟

ٽرينن جا آوازَ،
سفر در سَفرَ ـ
ڇا تا سمجهائين؟
ڇاتا سمجهائين؟

## وائي

وارَ پنهنجا ڏسي،
آرسيءَ جي اڳيان-
هُوءَ روئي پئي!
ياد ماضيءَ ڪري،
هُن سِنجهيءَ جي اڳيان-
هُوءَ روئي پئي!

ڪنهن جو نوڙي هِنيون،
شاعريءَ جي اڳيان-
هُوءَ روئي پئي!
موتُ بينو اَچي،
زندگيءَ جي اڳيان-
هُوءَ روئي پئي!
هُوءَ روئي پئي!

## وائي

بيٺي آهي ڪوهه تي،
اُجري پاڻيءَ ۾...
نارِي تي ڏيکارجي!
ازل ڪان ئي عشق جي،
هر آڪاڻيءَ ۾...
ناري تي ڏيکارجي!
سسئي پنهون تي پيئي،
اڄ آزياڻيءَ ۾...
ناري تي ڏيکارجي!
ناري تي ڏيکارجي!

## نظم

(ڪينجهر ڪپ تي مشاعرو)

ڪينجهر ۾ تيون لهرون چمڪن،
۽ پاڻيءَ ۾ چنڊ نچي ٿو
لهر لهر جا چپ چمي ٿو!

ڪينجهر ڪپ تي شاعر گڏجي،
پيارا پيارا شعر پڙهن ٿا،
وه واه ڪن ٿا!

هن جو ننڍڙو گهر آ ـ ۽ ڪٿ:
سامهون هُو آڪاش ـ ٽُڪر تي،
پيلو پيلو چنڊ ٿو چمڪي ـ
جيڪو هن کي چڙ تہ چوي ٿو:
"ڪينجهر ڪپ تي ٽُنهنجا جيڏا،
ڪنوارين ڪنوارين ڪوٺائن تي،
وه واه ڪن ٿا!
ـ ۽ خوش ٿين ٿا!"

"تون ڇو هتڙي،
پنهنجي کٽ تي ليٽيل آهين؟
ڇونہ وڃين تون؟"

سيني تي هُو هَٿ رکي ٿو
هوريان هوريان دل تي ڏڙڪي:
"ڪيسي" هيئان چنڊ وڃي ٿو ـ
ڏنڏلو ٿيندو پاڻيءَ پويان!

## ترائيل

جڪڙيل ذهنو ٻاهر نڪرو!
آڏيواڄ ڪي سندر سوچون؛
آزاديءَ جي اُڀ ڏي اُڏرو!
جڪڙيل ذهنو ٻاهر نڪرو!

ڏرتي آهي دل جو ٽڪرو:
ڏرتيءَ خاطر گڏجي لوچون؛
جڪڙيل ذهنو ٻاهر نڪرو!
آڏيواڄ ڪي سندر سوچون.

⧈

ڏکّ دل ۽ ذهن تي زبرا لڳا,
مان سموري زندگي لڇندو رهيس؛
سچّ ڪان ماٺهو جڏهن پنتي پڳا۔
ڏکّ دل ۽ ذهن تي زبرا لڳا!

گيت منهنجا رتّ منهنجيءَ سان پڳا,
ڏات جي مان ڪاتَ سان ڪُسندو رَهيس؛
ڏکّ دل ۽ ذهن تي زبرا لڳا۔
مان سموري زندگي لڇندو رهيس!

⧈

هر پَل پنهنجا پيِر سَڙن ٿا،
جِيوَن هاءِ، تتل وارِي آ!
پياسا پياسا گيت رڙن ٿا،
هرپل پنهنجا پيِر سڙن ٿا-

سُک جا پاڇا ڪين لڙن ٿا،
جن ڏي پنڌ اڃا جاري آ،
هر پل پنهنجا پيِر سڙن ٿا-
جِيوَن هاءِ، تتل وارِي آ!

راز جيڪي مون لڪايا جيءَ ۾،
روپ گيتن جو وٺي ظاهر ٿيا،
چڻ تہ ٻڌجي باهہ آيا جيءَ ۾،
راز جيڪي مون لڪايا جيءَ ۾-

مون سڄڻ جيڪي سمايا جيءَ ۾،
سي نہ ڪڏهين دل منجهان ٻاهر ٿيا،
راز جيڪي مون لڪايا جيءَ ۾-
روپ گيتن جو وٺي ظاهر ٿيا.

واٽ وڃائي ماٺ نہ ڪر او پانڌيئڙا!
ڳول نئون ڪو ڏڳ، نئين ڪا واٽ وَري؛
ڳس ّ گهڙي ڪي اڳتي هل تون جانيئڙا!
واٽ وڃائي ماٺ نہ ڪر او پانڌيئڙا!

ڏور ٿين هي ڏنڌلا ڏنڌلا ڪوهيڙا،
ٻاري هل ڪا روشن روشن لاٽ وري؛
واٽ وڃائي ماٺ نہ ڪر او پانڌيئڙا!
ڳول نئون ڪو ڏڳ نئين ڪا واٽ وَري!

ڪير اُڇلي وِيو آ ٻرندڙ ڇُوڇڙي؟
رات منهنجي جيءَ جي جهڳيءَ اَندر!
ننڍڙا ننڍڙا خواب منهنجا وِيا سَڙي-
ڪير اڇلي وِيو آ ٻرندڙ ڇُوڇڙي؟

گيت سڀ خاموش ٿيا روئي رَڙي،
پر اَچا پِي پِيو ٿو مَنُ ڄهجي اَندرِ؛
ڪير اُڇلي وِيو آ ٻرندڙ ڇوُڇڙي؟
رات منهنجي جيءَ جي جُهڳيءَ اَندرِ!

ڪاغذي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي خواهشون،
زندگيءَ جي سمنڊ ۾ آهيون گهڙيا،
لوڀ جي لهرن ۾ ٿا لڙهندا وڃون،
ڪاغذي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي خواهشون!

ڪيترا طوفان آهن سامهون،
وِيا ٻڏي ٻيڙا وڏا هي ڇا ڪنديون؟
ڪاغذي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي خواهشون،
زندگيءَ جي سمنڊ ۾ آهيون گهڙيا!

# غزل

پنڪندڙ آرزو نيٺ ڇا ٿي ڳُهري؟
دل هلڻ جا وري حوصلا ٿي ڳُهري!

حادثن منجهه مقصد آ پلجي وئي،
زندگي منزلن جا پتا ٿي ڳُهري.

پنهنجي بيمار پيءُ جي حياتيءَ لئه:
ننيڙڙي نياڻي خدا کان دعا ٿي ڳُهري.

عشق پنهنجو سدائين سلامت رهي،
زندگي موت کان پو بقا ٿي ڳُهري.

دل اسان جي ڏکن ۾ ٿي لڙهندي وڃي،
تنهنجي ٻانهن سندا هيءَ ٻنا ٿي ڳُهري.

پيارَ جي باغ ۾ شعر گلڙن جيان،
تن کي بدذوق ساڙڻ هَوا ٿي ڳُهري!

ڪٿن وفا جون حدون ”سعيد“ اورانگهيون؟
هُوءَ اسان کان رکڻ فاصلا ٿي ڳُهري!

# غزل

ڪيڏو نہ اسان پنڌ ڪيو، پو واٽ وَڃي آهي!
آ هاڻ سفر سَهنجو، منزل بہ ڇِڙي آهي.

تي تيز وسي بارش، آ ماڳ پري ڏاڍو
تا پاڻ وچون پُسندا، هٿ ۾ نہ ڇٽي آهي!

جڻ نانگ ڪو ڪاريھر، آ منهنجي اکين آڏو:
اڳتان جا سڀئي تو هي، اُرُهَنِ تي رکي آهي!

تا مُرڪي ملون سڀ سان، ڄاڻي نہ سگهيو ڪوئي،
هن مرڪ جي دامن ۾، ڪا پِيڙَ لِڪِي آهي.

هڪ تيز نڪاءُ ٿيو ۽ ڪنيڙاٽ اُڏامي وئي،
هُو ڏارَ ۾ لٽڪي تو پيڙا ۾ پڪِي آهي.

هر دل تي تعّصب ۽ نفرت جا چُٽا آهن،
جو صاف ڪري دلڙيون، اهڙو ڪو ڪٿِي آهي؟

# غزل

شور ۾ پاڻ کي لڪايو آ،
هائو توکي اسان ڀلايو آ!

شاعريءَ جيءَ کي وَڏيو آهي،
شاعريءَ ئي پرين بچايو آ!

دل جون ٽوٽيون وَري ڄمايون ٿم،
مَنَ جو گهرڙو وري اڏايو آ!

دل جي دَر جو ڳڙو پٽيو ڪڙڪي:
ڪير ڀُلجي اسان ڏي آيو آ؟

# غزل

پنهونءَ پويان سسئي پئي،
صحرا صحرا هستي پئي.

ڪاٿي ڪين ڪنارو پاتو
سمنڊ ۾ ڪيڏو ڪشتي پئي!

تارو تارو گردش ۾ آ،
چالئه سورج شڪتي پئي؟

شهرت پنهنجو ماڳ هو ڪاٿي؟
گوتا جي پئي مستي پئي!

متيءَ هيٺان سعيد سمهي پيو:
عمر سموري سستي پئي!

## غزل

چوٽ هڪڙيءَ سان دل ٽُٽي پيئي،
پيار پيي ڪين پائدار آهي!

مان هان فطرت جي هنج ۾ نپنو
شاعريءَ ۾ تڏهن نکار آهي.

پارَ جو ڪنهن کي ڪو پتو ناهي،
سوچ جو سمنڊ بيڪنار آهي.

آهيون قاسي پيا مڇيءَ وانگر،
چؤطرف حالتن جو چار آهي.

پنهنجي گهر ۾ پُسي رهيا آهيون،
پنهنجي نيڻن ۾ آبشار آهي.

شال ڪو سوجهرو ٿئي "سَن" مان،
سنڌ ڌرتيءَ تي انڌڪار آهي.

دَرَ جي چانئٺ تي چُپ آ چانڊڪي،
'سعيد' اڄ رات سوڳوار آهي.

## غزل

تنگيل آئينا،
زنگيل آئينا!

آهن ڇهرن جا،
ڏنگيل آئينا!

ٽڪرا ٽڪرا مَنَ،
ڏڪيل آئينا!

پردن جي پويان،
ڍَڪيل آئينا!

اکين ۾ آهن،
رکيل آئينا!

نيڻ تلاشن تا،
گم ٿيل آئينا!

## غزل

ڪو پيار تي انهن جي پابنديون وجهي!
پونرا گهريا وَلين ۾ ڦاسائي ڪير ٿو؟

پاڻي سمونڊ جو ڪو پڪڙي نٿو سگهي،
قطرا هي ڄارين ۾ ڦاسائي ڪير ٿو؟

ڪٿ وقت آهه ڪنهن جي وَس ۾ اَچي سگهيو؟
لمحا اِهي مُٺين ۾ ڦاسائي ڪير ٿو؟

جذبا رضا سان هٿڙي روئي ٻه ڪين سگهيا،
ڳوڙها لڪا اکين ۾ ڦاسائي ڪير ٿو؟

## غزل

سج چتي تو پيار جا ڪرڻا جتي،
هل تہ اُن آزاد ڌرتيءَ ڏي هلون!

پارِ هُوندي هُوءَ اُوسيئڙو ڪندي،
مَنَ! چڙهي لهرن تي سرتيءَ ڏي هلون!

ڪو سڏي تو جو پڙاڏا تا اَچن،
وقت! ٽورو موت! ماضيءَ ڏي هلون!

وقتُ جنهن جا روز نياپا تو ڏئي،
’سعيد‘ هل تنهن موت سنگتيءَ ڏي هلون!

# غزل

جو هو وَسَ ۾ چڏي، هليا وِياسين،
راند رَسَ ۾ چڏي، هليا وِياسين!

بي دليءَ سان ملون، مَزو ڪهڙو؟
چاهه چَس ۾ چڏي، هليا وِياسين!

پاڻ کي پي هُيو پري وچڙو
توکي بس ۾ چڏي، هليا وِياسين!

ڪيس خوشبو اسان جو ڏَسُ ڏِيندي،
گُلَ گسَّ ۾ چڏي، هليا وِياسين!

دل جي پُڙَ ۾ پَئي پَشيماني،
ڪنهن کي ڪَسَ ۾ چڏي، هليا وِياسين!

برف جهڙي هئي حياتي جا،
'سعيد' اُسَ ۾ چڏي، هليا وِياسين!

# غزل

تنهنجي چهري ۾ روشني، آهي،
ساري ڪمري ۾ روشني آهي.

زندگي آ سفر اُجالن جو
لمحي لمحي ۾ روشني آهي.

وَٽِ پري ٽِپي ڏيئو وِسِيو هيئڙ،
پو بہ جاري ۾ روشني آهي.

منهنجي ويجهو اچي تون ويٺي آن،
منهنجي پاسي ۾ روشني آهي.

هي ستارا جو همسفر آهن،
"سعيد" رستي ۾ روشني آهي.

## غزل

خوف وچان پن جڙ تہ ڏکن ٿا،
وڻ لڏي ٿو تيز هَوا ۾!

ڏوڙ ۾ ڪوئي ظاهر ناهي،
ڪير سڏي ٿو تيز هَوا ۾؟

پاڙون جنهن جون پختيون ناهن،
سو تہ ڏڏي ٿو تيز هَوا ۾!

هر هڪ شيءِ ڪي جڙ تہ اُڏائي،
وقت چڏي ٿو تيز هَوا ۾!

## غزل

گونگو آهي، ڪيئن ڳالهائي، آئينو!
بس تو حيرت مان واجهائي، آئينو!

هيءَ جا سامهون بيٺل پاڻيءَ جي ڪڏ آ،
ڏرتيءَ جي ٻُڪ ۾ جڙ آهي، آئينو!

ڪُوڙي تاثر جا ٿڦَ لاهہ تہ چهري تان،
اِيئن نہ رکُ تون يار لڪائي، آئينو!

هُن جي آڏو اڪيون ٻُوٽي بيٺو آن:
توکي چهرو ڪيئن پَسائي، آئينو!؟

توکي مون تہ چيو هو: ”چهرا پٿر ٿيا!“
ويٺين آخر ”سعيد“ پيجائي، آئينو!

## غزل

رستا صفحن جيئن،
چنگهون قلمن جيئن!

پيرَن جا نيشان:
آهن لفظن جيئن!

اُوندهہ منجهہ پريون:
اکيون ڏيئن جيئن!

هُو سڀ وِڇڙي وِيا:
مون کان ٿهڪن جيئن!

ٽِڪيُون پُنيءَ تي:
لڳيَرن ڦُڙڪن جِيئن!

# غزل

پٿرن تي آواز لکيل هِن،
قومن جا ڪي رازَ لکيل هِن.

تنهنجي ڇهريٰ جي گُهنجن ۾،
سالن جا الفاظ لکيل هِن.

سمنڊ ڪناري واريءَ مٿان،
ڇولين جا ڪي ساز لکيل هِن.

ديوارن جا ڌارَ يا گهرَ جي،
ڏاهڻ لاءِ جَواز لکيل هِن.

## غزل

چٽيل پَنَ، هَوائُن ۾!
چڙ ڪي مَنَ، هَوائُن ۾!

ڏسندي ڏسندي اُڏِري وِيا،
چڙ جوڀَن، هوائن ۾!

ماضيءَ جون تاريخون ۽
صديون سَنَ، هوائن ۾!

جهپجي ويندا راز سيئي،
آهن گَنَ، هوائن ۾!

پتڪن پِيا پنهنجا ساجَن!
سَڏَ وَچَنَ، هَوائن ۾!

خوشبوءِ خوشبوءِ آ چوڌاري،
مهڪيا تن، هَوائن ۾!

◘

## غزل

وري نہ ٻي ڪا مند، سانوڻيُون رهيون،
اکين ۾ ڪڪريون سدا، ڀريُون رهيون.

سِڻون اسان جي درد جون لکيون رهيون،
انهن جي ڀِرِ ۾ آڱريون ڳتيُون رَهيون.

ڪنهين بہ پورو پيار ڪين پاتو آ،
حصي سِين جي ۾ پرين پتيُون رهيون.

ڪشاده ذهن درگذر ڪري وَيا،
اٿين اسان جون خاميون ڏڪيون رهيون.

اسان جو جسم آ ڪَرائي جي جڳھ،
گهڙيون اسان جي عمر جون ڪٽيون رهيون.

ڇو هڪڙو نانءُ ٿيو نمايان قتل ۾؟
ڀئيان تہ ڪيترن جون ٺي هٿيون رهيون.

اسان جي دل مان ڪين سي وڃي سگهيا،
جنين سان نسبتون سيئي ڳتيُون رهيون.

اسان جي لاءِ "ناشناس" شهر هو
اکين جي آڏو اجنبي گهٽيون رهيون.

رهيا سدائين نيڻ انتظار ۾
مرڻ کان پوءِ ڀي اکيون ڀٽيون رهيون.

## غزل

پرجي ويون هن اڪيون، پِٽائِيءَ جون،
ڪنهن کي ساري ڪِراڙَ جي پرسان.

ڏُور ڪان مون ڏٺا، سي ڪاهوڙِي،
روشني هئي پهاڙ جي پرسان.

رات هڪ پورهيت جنم ورتو،
گهر ڪچي ۾، ٻه ـ ماڙ جي پرسان.

ڪر ٻُهيلا پلال ڪان پَرتي،
ٻِندَ پٽِي آ اُماڙ جي پرسان.

لاڙڪاڻي نٿو لڳي هِي مَنُ،
”سعيد“ ساڄن آ لاڙ جي پرسان.

⧈

# غزل

مَنَ اَڄُ اکيون پَسن وري، اُن چنڊ جو ليئو،
هڪڙِي ڏَرِيءَ ۾ ديدَ آسان، سج لڙي رکي.

ڳاري سان جهوپڙيءَ ۾ حياتي يَڪِي هُئي،
ڪلهہ رات نيٺ سابہ آ ڳاري ڳڙي رکي.

ويهڻ نہ ڏيندي هئي ڪڏهن آوارگي ڪٿي،
آوارگي اُها آسان گهر ۾ گڙي رکي.

هاڻي آسان جي مَنَ ۾ ڪوئي بہ مير ناهي،
مون آ سچائي دلِ جي چج ۾ چڙي رکي.

ٻاهر حسين شام پرين! چونہ تو ڏِسين؟
چو اِيئن ڏَرِي"سعيد" آتِي بيڪڙي رکِي؟

## غزل

اکين اڳيان جڏهن بہ آيون رنڊ ڪون،
آسان کي اُت ئي واٽ ڪا ملِي وَئي.

ڇپر مٿان ٻرَنِ ٽيوُن ماڪَ جُون ڦڙيون،
ڪٺي صبح جو پيرڙا مِلي وَئي.

آسان جي زندگيءَ گهڙِي نجات هئي،
آسان کي ”موت جي سَزا“ مِلي وَئي!

## غزل

حياتيءَ جو شيشو ڊڪيل ڏوڙ سان،
اَسان جا لکيل نانوَ ها تنهن مٿان!

سواءِ تنهنجي من منهنجو چاريءَ اندر،
سَما! اَڄ تہ تو ساڻ ڪينجهر گُهمان!

رکيو لٽ، ٻالڪ جو ڪائي ڳِرنهہ،
وڏيري جيان ڪانءُ ڪوني مٿان!

اُٺيو سعيد ڪوري! ڳسو نينهن تو!
ڏِسِي ڪيتريُون تنهنجون گهارِيُون ڏِسان؟

## "سليٽ" پاران ڇپيل ڪتاب

(1) ٽڏي اُس ٽِڪي ڇانوَ
(شاعري)
منصور ملڪ
قيمت:ـ /120 روپيا

(2) سوچن جي صليب
(اخباري ڪالم)
علي احمد نظاماڻي
قيمت:ـ /80 روپيا

(3) اکين ۾ اُلڪا
(شاعري)
امر ساهڙ
قيمت:ـ/150 روپيا

(4) ڏُکوئيِنِ اُهڃاڻ
(شاعري)
"ستايل" سڪندر
قيمت:ـ /150 روپيا

(5) توبن ڪهڙو ڇيوَن!
(شاعري)
شيرل لغاري
قيمت:ـ /120 روپيا

(6) مُرڪ مهانگي نہ ٿئي!
(مزاحيہ شاعري)
نسيم بلوچ
قيمت:ـ/60 روپيا

(7) اختلاف
(شاعري)
بادل
قيمت: ـ /200 روپيا

(8) دل جو آواز
(شاعري)
"مسڪين" محمد خان نظاماڻي
قيمت:ـ/150 روپيا

(9) اسان جو عشق اُپورو
(شاعري)
سعيد ميمڻ
قيمت:ـ/150 روپيا



• سعيد جي شاعريءَ ۾ سانوڻيءَ جي سنڌوءَ جي گاج، مٽيءَ جي خوشبوءِ، نِم ۽ سِنجهيءَ (ٽالهيءَ) جي ٻُورَ جي هڳاءَ، ننڊپڻ جي راندين ۽ مٽيءَ سان ويجهڙائپ واري احساس، انهن احساسن دوران روئڻ ۽ کلڻ وارن سمورن لمحن جي يادن، عاقل ڳوٺ جي ٻنين جي پيچرن تي باک ڦٽيءَ مهل ۽ سانجهيءَ سَمي گهمندي، شاعراڻن تصورن جي اپرڻ وارن احساسن ۽ سندس عشق، غم ۽ خوشيءَ وارن سمورن لمحن ۾ گڏ گذاريل سپني يادن سان گڏ، مونکي سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ نئين دؤر جو مجاز ۽ حقيقت کي ويجهو نظرايندڙ تصوف ملندو آهي. جنهن ۾ غالب وانگر عشق جي تشنگي ته آهي، پر ان ۾ سنڌ جيِ اِن ٿَهيءَ وٽ جيڪو درد آهي، ان جو هڪ عجيب تصوف واري انداز ۾ اظهار جو هڪ نئون ڍنگ ۽ ميلاپ به ملي ٿو.

سعيد پنهنجي ٿهيءَ جو اهو تخليقڪار آهي، جنهن پنهنجي اندر جي اظهار لاءِ پنهنجو هڪ الڳ رستو اختيار ڪيو آهي: جنهن ۾ هو تمام گهڻي حد تائين ڪامياب رهيو آهي. چو ته سندس انهيءَ اسلوب کي سندس همعصرن ۽ ڪانئس پوئين ٿهيءَ به پنهنجي اندر جي اظهار لاءِ اختيار ڪيو آهي. جنهن مان ظاهر آهي ته هُو تمام وڏو مَنَ موجي ۽ پنهنجي اهڙي ئي انداز ۾، پنهنجي من جي ڳالهه اظهاري وڃڻَ وارو هڪ وڏو تخليقڪار آهي.

**قاسم کيهر**

لاڙڪاڻو

اسان جو عشق اڻپورو

سعيد ميمڻ

سليٽ - 9

D.by: Al-Razaque Com: Hyd: 0333-2634650

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، پاڇوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪري ٿـو تـہ پَڪَ ڄاڻو تـہ اُهو ڪُـوڙو آهـي. نـہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪـو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻـن جا پَـنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڀَئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻيـن لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تـہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن ڪي ڊِجِيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پڄانـدڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَمر- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ڪتابن جي ڪي ڇپائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها ٽوڙي نيرا، ساوا ٽوڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)